REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سندياڙ
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 22 نومبر 2023ع بمطابق 07 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 176

سائفر ڪيس: عمران خان جي انٽرا ڪورٽ اپيل منظور، جيل ٽرائيل ڪالعدم قرار

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف سائفر ڪيس ۾ جيل ٽرائيل جو 29 آگسٽ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي جج جي مقرري صحيح قرار ڏئي چڏي

عدالت جيل ٽرائيل جي خلاف پي ٽي آءِ چيئرمين جي انٽراڪورٽ اپيل منظور ڪندي سائفر ڪيس ۾ جيل ٽرائيل جو 29 آگسٽ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي چڏيو

غير معمولي حالتن ۾ ٽرائيل جيل ۾ ڪري سگهجي ٿو. قانون موجب جيل ٽرائل اوپن يا ان ڪيمرا ٿي سگهي ٿو : عدالتي فيصلو

13 نومبر تي ڪابينہ جي منظوري کان پوءِ جيل ٽرائيل جو نوٽيفڪيشن ماضي جي فيصلن تي لاڳو نہ هوندو

عدالت آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج جي مقرري خلاف ۽ فيصلو جاري ڪيو ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي جج جي مقرري ڪي صحيح قرار ڏئي چڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف سائفر ڪيس ۾ جيل ٽرائيل جو 29 آگسٽ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي جج جي مقرري صحيح قرار ڏئي چڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڊويزن بينچ ٻڌڻي کان پوءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو جيڪو هاڻ جاري ڪيو ويو. عدالت جيل ٽرائيل جي خلاف پي ٽي آءِ چيئرمين جي انٽراڪورٽ اپيل منظور ڪندي سائفر ڪيس ۾ جيل ٽرائيل جو 29 آگسٽ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي چڏيو/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

ايم ڪيو ايم جا اهم اڳواڻ پ پ ۾ شامل، ڪراچي تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نہ ڏينداسين: سعيد غني

ايم ڪيو ايم سان تعلق رکندڙ شخصيتون اڄ پيپلز پارٽي ۾ آهن، پ پ سياسي سرگرميون تيز ڪيون آهن ته ايم ڪيو ايم جا ساٿي به پ پ ۾ شامل ٿي رهيا آهن

هاڻ ايم ڪيو ايم ماڻهن کي ڊيڄاري رهي آهي جيڪو مناسب نہ آهي، سمورن شهرين ۽ سياسي ڪارڪنن کي آزادي حاصل آهي ته هو ڪهڙي پارٽي ۾ شموليت ڪن ٿا

ايم ڪيو ايم جي ماڻهن پنهنجن گهرن تي لوٽا لتڪايا، منهنجي خيال ۾ هي پنهنجو چوند نشان به اهوئي رکندا: خواجہ سهيل منصور

ايم ڪيو ايم جا ماڻهو بوکهلاهٽ جو شڪار آهن. ڪراچي جي حقيقي پارٽي پيپلز پارٽي آهي. هر شخص پنهنجي دل سان شموليت ڪري رهيو آهي ڪنهن کي به هٿيارن جي زور تي گاڏي ۾ ناهي آندو ويندو

اسان سڀني کي اهو حق حاصل آهي ته ڪنهن به پارٽي ۾ شموليت ڪريون. ايم ڪيو ايم مان وڏيڪ ماڻهو ٻين پارٽين ۾ شامل ٿيندا. ڪراچي جي ماڻهن کي خبر آهي ته انهن کي ڪهڙي طرف وڃڻو آهي : مزمل قريشي

اسان جي پنهنجي سڃاڻپ آهي، اسان شهري ۽ ڊومهين علاقن جو فرق ختم ڪرڻ چاهيون ٿا. ڏمڪي وارين روين جي باري ۾ چوان ٿو جتان کان اوهان پڙهيا آهيو، اسان به اتان کان ئي پڙهيا آهيون : سيف يار خان

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جا وڏيڪ 3 اڳواڻ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويا آهن. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايم ڪيو ايم پاڪستان سان تعلق رکندڙ خواجہ سهيل منصور، منزل قريشي ۽ سيف يار خان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پ پ اڳواڻ سعيد غني، جيئي نہ بدمعاشي ۽ غنڊہ گردي قبول نہ ڪندا سين. /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04



ڪراچي: پ پ اڳواڻ سعيد غني پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ايم ڪيو ايم اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڊپٽي چيئرمين نيب کي 15 لک ۽ پراسيڪيوٽر جنرل کي 16 لک ڪار وڏيڪ پگهار ملندي، ڪابينہ منظوري ڏئي چڏي

نيب جي ڊپٽي چيئرمين کي 500 ليٽر پيٽرول، بجلي، گيس ۽ ٻيا الائونس هاءِ ڪورٽ جي جج جي برابر ملندا : ذريعا

پراسيڪيوٽر جنرل نيب کي 600 ليٽر پيٽرل، گاڏي ڊرائيور سميت، بجلي، گيس ۽ ٻيا الائونس سپريم ڪورٽ جي جج جي برابر ملندا

قانون واري وزارت جي سمري تي وفاقي ڪابينہ کان سرڪوليشن ذريعي منظوري حاصل ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نگران وفاقي ڪابينہ نيب جي ڊپٽي چيئرمين ۽ پراسيڪيوٽر جنرل نيب جي پگهارن ۽ ٻين مراعتن جي منظوري ڏئي چڏي آهي. ذريعن موجب نيب جي ڊپٽي چيئرمين سهيل ناصر کي 15 لک روپيہ ماهوار ۽ ٻيون مراعتون /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

گورنر سنڌ سان ايراني سفير جي ملاقات، پاڪستان هميشہ ايران سان لاڳاپن کي اهميت ڏني آهي: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي ۾ ايران جو قونصل جنرل حسن نوريان ۽ سفارتخاني جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

ملاقات ۾ پاڪ ايران اقتصادي تعاون، مختلف شعبن ۾ وفدن جي متاستا، صحت، تعليم ۽ توانائي بابت ڳالهيون

بنهي ملڪن وچ ۾ واپاري سرگرمين وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي، هن جيوتہ اسلام آباد کان تهران نائين روڊ ۽ ريل منصوبو بنهي ملڪن جي عوام کي ريجهو آڻيندو: گورنر سنڌ



ڪراچي: ايراني سفير ڊاڪٽر رضا اميري مڊام گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ايران جي سفير ڊاڪٽر رضا اميري مڊام گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڪراچي ۾ ايران جو قونصل جنرل حسن نوريان ۽ سفارتخاني جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. ملاقات ۾ پاڪ ايران اقتصادي تعاون، مختلف شعبن ۾ وفدن جي متاستا، صحت، تعليم ۽ توانائي ۾ سيڪيارٽي سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گورنر سنڌ چيو تہ پاڪستان ۽ ايران جا ٻہ طرفا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏاهڪن تي ٻڌل آهن. پاڪستان هميشہ ايران سان لاڳاپن کي/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

بزرگ سياستدان ذاتي دشمني تي لهي پيا آهن، مسئلو رڳو آنا جو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

اسان کي اهي گهرويهارٽا آهن، جيڪي ٻہ يا ٽي پيرا وزيراعظم ٻڌجي چڪا آهن

حڪمرانن کي عوام جي تڪليف جو احساس ناهي، ملڪ ۾ نفرت ۽ ورهاست جي سياست ٿي رهي آهي

مسئلن مان اسان سڀني کي نڪرڻو پوندو، سنجيدگي سان ڪم ڪيو جي تہ مسئلن مان نڪري سگهون ٿا



اپر دير: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنونشن سان خطاب ڪندي

اپر دير (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيو آهي تہ اسان کي اهي گهر ويهارٽا آهن، جيڪي ٻہ يا ٽي پيرا وزيراعظر ٻڌجي چڪا آهن/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

عالمي مارڪيٽ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر وڌيڪ ڪري ڀيو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو قدر گهٽڻ جو سلسلو جاري آهي/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

عمران خان ٽي سائفر ڪيس ٽاهڻ جو مقصد ڪيس موت جي سزا ڏيڻ آهي: عليم خان

ڊونلڊ لو ۽ باجوه ملي سنڊس حڪومت ڪيرائي اها ملڪ جي خلاف سازش هئي

عمران خان چوي تو تہ مون ماڻهن کي ٻڌايو هو تہ ملڪ جي خلاف سازش آهي ان جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ هڪ سال ۾ معاشي تباهي ٿي

نئين حڪومت ناهي پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ موت جي سزا جو ڪيس بنايو ويو



راولپنڈي: پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيڊ عليم خان جيو آهي تہ عمران خان پهرجيو آهي

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيڊ عليم خان جيو آهي تہ عمران خان پهرجيو آهي تہ ڊونلڊ لو ۽ باجوه ملي سنڊس حڪومت ڪيرائي/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

آءِ سي سي ٽرانس جينڈرز جي ڪرڪيٽ ڪيڊڙ ٿي پابندي مڙهي چڏي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آءِ سي سي صنفي قابليت وارن ضابطن ۾ اهم قيرقار بعد هاڻ ٽرانس جينڈر عورتن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

بجلي وڏيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان، صارفين تي 40 ارب جو اضافي بار پوندو

ملڪ ۾ بجلي صارفين تي 40 ارب روپين جو اضافي بار وڌڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي: ذريعا

3 روپيہ 53 پئسا في يونٽ جو اضافو آڪٽوبر 2023 جي ماهوار فيول ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ گهريو ويو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ بجلي جي قيمت ۾ هڪ دفعہ ٻيهر واڌ جو امڪان آهي جنهن سان صارفين تي 40 ارب روپين جو اضافي بار وڌندو. ذريعن موجب ملڪ ۾ بجلي صارفين تي 40 ارب روپين جو اضافي بار وڌڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

ايون فيلڊ ريفرنس خلاف اپيلون: نواز شريف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش

ايون فيلڊ ريفرنس ۽ العزيزيہ نيب ريفرنس ۾ سزا جي خلاف اپيلن تي ٻڌڻي ٿي

عدالت ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪندي نواز شريف جي اپيلن تي 27 نومبر تي دليل طلب ڪري ورتا

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل خصوصي بينچ اپيلن جي ٻڌڻي ڪئي



اسلام آباد: ن ليگ سربراهہ نواز شريف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ اچي رهيو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نواز شريف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿي ويو جتي ايون فيلڊ ريفرنس ۽ العزيزيہ نيب ريفرنس ۾ سزا جي خلاف اپيلن تي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 02

"اوهان تي قوم کي فخر آهي" مودي ۽ جي پارٽي ڪرڪيٽرن کي آئٽ، ويڊيو وائرل

ممبئي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عالمي ڪپ جي فائنل ۾ پارٽي ٽيم جي شڪست بعد وزيراعظر نريندر مودي ۽ جي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

عمران خان خاور مانيڪا جي بيان کي ڪوڙ قرار ڏئي چڏيو آهي: شير افضل مروت

پي ٽي آءِ چيئرمين وڪيلن جي ڪارڪردگي مان مطمئن آهي : بئريسٽر علي ظفر

جيڪڏهن جلسن ۾ رندڪ وڌي وئي تہ سپريم ڪورٽ ويندا سين



خاور مانيڪا ۽ وڪيل شير افضل مروت

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ جي وڪيل شير افضل مروت جيو آهي تہ پارٽي چيئرمين عمران خان خاور مانيڪا جو بيان ڪوڙ قرار ڏئي چڏيو آهي/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

غزہ: اسرائيلي فوج انڊونيشين اسپتال جو گهيراءُ ڪري ورتو، بمباري سبب وڏيڪ 32 فلسطيني شهيد

النصاترات، جباليہ جي ڪيمپ ۽ انڊونيشين اسپتال تي حملن دوان وڏيڪ 32 فلسطيني شهيد ٿي ويا

غزہ ۾ انڊونيشين اسپتال تي بمباري جي نتيجي ۾ ڊاڪٽرن سميت 14 فلسطيني شهيد ٿي ويا

ٽيل فلسطينين جو انگ وڌي 13 هزار 300 ٿي ويو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07



غزہ: اسرائيلي بمباري سبب تباهہ ٿيل گهر آڏو فلسطيني هارڙا بينل آهن

غزہ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي فوج جي غزہ ۾ بربريت جاري آهي. النصاترات، جباليہ جي ڪيمپن ۽ انڊونيشين اسپتال تي حملن دوان وڏيڪ 32 فلسطيني شهيد ٿي ويا، جنهن کان پوءِ شهيد فلسطينين جي تعداد ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي

امن جي وقت حقيقت پسند اٽي تربيت جنگ ۾ بهترين ڪارڪردگي جي ضمانت آهي: آرمي چيف

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصر منير چيو آهي تہ امن جي وقت ۾ حقيقت پسندائي تربيت جنگ ۾ بهترين ڪارڪردگي جي ضمانت آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصر منير اسٽرائيڪ ڪور جو دورو ڪيو، جتي هن گڏيل تربيتي مشق جو مشاهدو ڪيو. آرمي چيف جنرل عاصر منير مشق ۾ شريڪ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

ميان صاحب مون وٽ دعا ڪرڻ آيو هئس: مولانا فضل الرحمان

اسان گڏجي هن ملڪ لاءِ ڏگهي جدوجهد ڪئي آهي

اسان هڪ ناجائز حڪومت خلاف به گڏ رهيا آهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جي يو آءِ ف جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان بلاول ڀٽو زرداري جي بزرگ سياستدانن بابت بيان تي چيو آهي تہ اهو هن پنهنجي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

سمورا ملڪ اسرائيل کي هٿيار ڏيڻ بند ڪن، سعودي جو مطالبو

غزہ جي پٽي مان فلسطينين کي جبري بي دخل ڪرڻ ناقابل قبول آهي : سعودي ولي عهد

1667 جي حدن جي بنياد تي آزاد فلسطيني رياست جو قيام ناگزير آهي

جوهانسبرگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي ولي عهد محمد بن سلمان سمورن ملڪن تي زور پريو تہ هو اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي بند ڪن. برڪس اجلاس ۾ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 17

رسول الله ص جي روضي جو خادم شيخ عبدا علي لاڏاڻو ڪري ويو

شيخ عبدا علي ادريس شيخ حجري مبارڪ جي سار سنڀال تي مقرر هو

شيخ عبدا علي جي ذمي مسجد نبوي ص کولڻ، بند ڪرڻ، روش ۽ عطر ڪرڻ به هو

مدينو شريف (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڻ سڳورن ص جي روضي جو خادم شيخ عبدا علي لاڏاڻو ڪري ويو. سعودي غرب جي ميڊيا موجب شيخ عبدا علي ادريس /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

ورلڊ ڪپ 2027، پارٽ آءِ سي سي تي دباءُ وڌڻ لڳو

پارٽ 2027ع وارو عالمي ڪپ 10 ٽيمن جو ڪرائڻ چاهي ٿو : برطانوي اخبار

آءِ سي سي ايجا تائي پارٽي مطالبي تي راضي نہ ٿيو آهي

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پارٽ اينڊ مينز ون ڊي ورلڊ ڪپ جو فارميٽ تبديل ڪرائڻ لاءِ آءِ سي سي تي دباءُ وڌڻ لڳو، برطانوي اخبار موجب، پارٽ 2027ع /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

بلاول کي سنڊس برلي ۽ لهجي ۾ جواب ڏيڻ نٿا چاهيون: راڻا ثناءَ الله

پي ٽي آءِ جي دور ۾ ميرصادق ۽ ميرجعفر جا لقب ڏنا ويا، پاڪستان کي ترقي، جي بٽڙي، تان لاٿو ويو

نواز شريف اڄ ٻہ ملڪ کي بحران مان ڪڍيو هو ۽ هاڻي ٻہ ڪڍي ڏيکارينڊو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نون ليگ جي اڳواڻ راڻا ثناءَ الله چيو آهي تہ بلاول کي سنڊس برلي ۽ لهجي ۾ جواب ڏيڻ نٿا چاهيون. نون ليگ پنجاب ڪانسواءِ پين صوبن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

اسان وٽ جديد ٽيڪنالاجي نہ هوندي تہ اسين ترقي نہ ڪري سگهندا سين: نديم الرحمان ميمڻ

پهريان ڪنهن به نوجوان شاگرد وٽ لئپ ٽاپ ڏيڻ هڪ خواب هو پر هاڻي هر شاگرد جي ضرورت آهي

اسان وٽ هٿالائيز دور مان گذري رهيا آهيون : ايڪريڊيٽيڊ يونيورسٽي ٽنڊو جام ۾ لئپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب

حيدرآباد (رپورٽر) اسان وٽ هٿالائيز دور مان گذري رهيا آهيون ، جيڪڏهن اسان وٽ جديد ٽيڪنالاجي نہ هوندي تہ اسين ترقي نہ ڪري سگهنداسين /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

نگران تعليم واري وزير پاران سالياني جائزي ڪانفرنس ۾ شرڪت

جمعي تي درسي ڪتاب ايس اي ايف حوالي ڪيا ويندا : راعنا حسين

هن وقت مختلف ضلعن ۾ پي ايس پي 34 اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) نگران تعليم واري وزير راعنا حسين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) پاران سنڌ حڪومت جي ڪرائٽي ايشورنس فريم ورڪ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25



ڪراچي: نگران تعليم واري وزير راعنا حسين ڪانفرنس دوران خطاب ڪري رهي آهي

جي 29 آگسٽ جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي جج جي مقرري صحيح قرار ڏئي چڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

ايم ڪيو ايم جا اهم اڳواڻ پ پ ۾ شامل، ڪراچي تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نہ ڏينداسين: سعيد غني

بزرگ سياستدان ذاتي دشمني تي لهي پيا آهن، مسئلو رڳو آنا جو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

عمران خان تي سائفر ڪيس ٽاهڻ جو مقصد ڪيس موت جي سزا ڏيڻ آهي: عليم خان

نئين حڪومت ناهي پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ موت جي سزا جو ڪيس بنايو ويو

بجلي وڏيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان، صارفين تي 40 ارب جو اضافي بار پوندو

ايون فيلڊ ريفرنس خلاف اپيلون: نواز شريف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش

عمران خان خاور مانيڪا جي بيان کي ڪوڙ قرار ڏئي چڏيو آهي: شير افضل مروت

غزہ: اسرائيلي فوج انڊونيشين اسپتال جو گهيراءُ ڪري ورتو، بمباري سبب وڏيڪ 32 فلسطيني شهيد

ميان صاحب مون وٽ دعا ڪرڻ آيو هئس: مولانا فضل الرحمان

سمورا ملڪ اسرائيل کي هٿيار ڏيڻ بند ڪن، سعودي جو مطالبو

رسول الله ص جي روضي جو خادم شيخ عبدا علي لاڏاڻو ڪري ويو

ورلڊ ڪپ 2027، پارٽ آءِ سي سي تي دباءُ وڌڻ لڳو

بلاول کي سنڊس برلي ۽ لهجي ۾ جواب ڏيڻ نٿا چاهيون: راڻا ثناءَ الله

اسان وٽ جديد ٽيڪنالاجي نہ هوندي تہ اسين ترقي نہ ڪري سگهنداسين: نديم الرحمان ميمڻ

نگران تعليم واري وزير پاران سالياني جائزي ڪانفرنس ۾ شرڪت

قانون، مذهبي معاملن ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو پاران سينٽرل ريورٽنگ سيل جو دورو

عمر سومرو جي آمد تي چيف سي پي ايل سي سنڌ زبير حبيب سي پي ايل سي سنڌ جي اعليٰ عملدارن سان گڏ آجيان ڪئي

صوبائي وزير کي شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل مختلف منصوبن بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي

سي پي ايل سي جي سڃاڻپ ۽ زينب الرٽ جي قدمن تي به تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي



ڪراچي: نگران صوبائي وزير عمر سومرو کي سي پي ايل سي سينٽرل ريورٽنگ سيل جي دوري دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) قانون، مذهبي معاملن ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو گورنر هائوس سنڌ ۾ سي پي ايل سي سينٽرل ريورٽنگ سيل جو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

پنڪي پيرني، قتل جو شڪ، قنديل ڪيس ڪولڙ جو مطالبو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مبينا غيرت جي نالي تي قتل ڪيل قنديل بلوچ جي هڪ ويڊيو هڪ پيرو ٻيهر گردش /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

9 مئي واقعا: ياسمين راشد، اعجاز چوڌري ۽ روبينہ جميل تي فرد جرم لاڳو

لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ جوابدارن ڏوهہ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو

عدالت ڪيس جي گواهن کي 16 ڊسمبر تي بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي لاءِ طلب ڪري ورتو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) 9 مئي واقعن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ياسمين راشد، اعجاز چوڌري ۽ روبينہ جميل تي فرد جرم لاڳو ڪئي وئي. لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ جوابدارن ڏوهہ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

خيبر پختونخواهہ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن: 3 دهشتگرد مارجي ويا، ڏماڪي ۾ فوجي جوان شهيد

ڏکڻ وزيرستان جي علاقي ڪوٽ اعظم ۾ ڪيل ڪارروائي دوران هڪ ٻيو دهشتگرد مارجي ويو

دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز سان گڏ رڳو معصوم شهرين جي خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ سرگرم رهيا

اتر وزيرستان جي علاقي غوريوم ۾ هڪ ديسي بر ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ فوجي جوان شهيد ٿي ويو

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊيرہ اسماعيل خان جي علاقي ڪلاچي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران سخت فائرنگ جي ڏي وٺ بعد 2 دهشتگرد /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

"شاگردن جي آپگهاتن جو ذميوار تعليمي ادارا نہ والدين قرار"

ٿئين ڏهلي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پارٽي سپريم ڪورٽ تعليمر جي دٻاءَ سبب آپگهات ڪندڙ شاگردن جي موت جو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28



راولپنڈي: ڊيرہ اسماعيل خان جي علاقي ڪلاچي ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران فوجي اهلڪار گشت ڪندي

پرويز مشرف جي سزا وارو فيصلو موجود آهي، معطل ناهي ٿيو: سپريم ڪورٽ

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس اطهر من الله تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي

توهان کي پرويز مشرف پاڻ وڪيل مقرر ڪيو هو، چاهيو تہ اپيل جي پيروي ڪري سگهو ٿا : چيف جسٽس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي صدر مرحوم پرويز مشرف جي سزا بابت اپيلن تي سندس وڪيل کي گهر پاتين کان هدايتون وٺڻ جي مهلت ڏني چڏي. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 32

رضا رباني، صدر عارف علوي کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري چڏيو

ڪجهہ ڏينهن اڳ صدر عارف علوي فلسطيني صدر محمود عباس سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي : رضا رباني

اهڙي بيان تي صدر جي استعيفا جو مطالبو ڪيان ٿو، صدر جي بيان تي نقصان جو ازالو ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وزارت چا ڪيو؟

صدر جي بيان تي اسان کي وضاحت جاري ڪرڻي پئي، پاڪستان جي فلسطين مسئلي تي پوزيشن ۾ رياستي حل جي حمايت واري رهي آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي جي سينيٽر رضا رباني فلسطين بابت تڪراري بيان ڏيڻ تي صدر عارف علوي جي استعيفا جو مطالبو ڪري چڏيو آهي سينيٽ ۾ گهالهائيندي رضا رباني چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ صدر عارف علوي فلسطيني صدر /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 31

نگران وڏي وزير پاران آفيسن ۾ جاري ڪرپشن خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم

سب رجسٽرار ۽ مختيارڪار جي آفيسرن ۾ جاري ڪرپشن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي : جسٽس (ر) مقبول باقر

سب رجسٽرار آفيسن ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن آهي جتي رشوت ڪانسواءِ ڪوبہ ڪم نٿو ٿئي : ڪي بي اي جي ميمبرن جي وڏي وزير کي آگاهي

سٽي ڪورٽ پرسان ٽنل ڦٽ: روين کي تعمير ڪيو وڃي ۽ نيڪالي جي سسٽم کي درست ڪيو وڃي : نگران وڏي وزير جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) : سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪراچي ايسوسي ايشن جي ميمبرن جي شڪايت تي سينيٽر ميمبر بورڊ آف روينيو (SMBR) کي هدايت ڪئي آهي تہ سب رجسٽرار ۽ مختيارڪار جي آفيسرن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ ضلعي ڪائونسل جو اجلاس، ترقياتي ڪمن تي پابندي هٽائڻ لاءِ متفق ٺهراءُ پاس

ضلعي ڪائونسل جون سرڪاري گاڏيون قبضي ۾ ورتيون ويون آهن جنهن سبب ضلعي ڪائونسل جا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين سرڪاري گاڏين کان محروم آهن : اڳواڻ

ضلعي ڪائونسل ميمبر امير علي چانڊيو ضلعي ۾ زرعي پاڻي ۽ فصلن جي ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف ڪارروائي لاءِ ٺهراءُ پيش ڪيو جيڪو اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو

اسرائيلي نوج هزارين مسلمان نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اتي تيل ۽ ٻيو سامان ضايع ڪيو ويو آهي، انساني جانيون بچائڻ جي فوري ضرورت آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ضلعي ڪائونسل جو اجلاس چيئرمين سهيل اختر عباسي جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر قادر بخش پليجي ٺهراءُ پيش ڪيو ته ترقياتي ڪمن تي پابندي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02


نوشهروفيروز : چيئرمين ضلعي ڪائونسل اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي : ماحولياتي گدلاڻ ۽ رهائشي علائقن ۾ قائم غير قانوني صنعتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري

ڪراچي (رپورٽر) ماحولياتي گدلاڻ ۽ رهائشي علائقن ۾ قائم غير قانوني صنعتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي، ماحولياتي قانونن جي خلاف ورزي ڪندي، گدلاڻ پيدا ڪندڙ صنعتن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي ڊس ۾ سيپا عملدار پنهنجيون ذميواريون نڀائي ڪونه رهيا آهن. ٽربيونل آڏو اين ڊي پي جي صدر جي وڪيل پاران اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ نيشنل پيپلزپارٽي جي باني غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي ورسي

اسدالله جتوئي، منير احمد جتوئي، غلام رسول پيرزادو، غلام حسين جتوئي، نصرالله ٻرڙو ۽ ٻين جي شرڪت

جتوئي خاندان پنهنجي ضلعي اندر هميشه سڀ ڪنهن جو ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏنو آهي : اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ملڪ جي ناليواري برک سياستدان ۽ اڳوڻي وزير اعظم نيشنل پيپلزپارٽي جي باني رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي 14 هين ورسي سادگي سان سندس جي اباڻي شهر نوان جتوئي ۾ ملهائي وئي سندس جي روح کي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي مرحوم غلام مصطفيٰ جتوئي جي پٽ سابق صوبائي وزير رئيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

جهڏو ڀرسان پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي جي گهر تي مبينا حملو، ناري کي اغوا جي ڪوشش

نوجوان جلال پٽ علي محمد جروار ۽ سندس گهرواري 24 سالا مسمات ڪلثوم ڌيءَ متارو خاصخيلي احتجاج ڪيو

يار محمد خاصخيلي ۽ ٻيا اسان جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن هنن اڳ ۾ به اسان کي ڌمڪيون ڏنيون هيون : جوڙو

منهنجي گهرواري کي جان کان مارڻ ۽ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن بعد رڙين تي ڳوٺ جي ماڻهن پهچي اسان کي بچايو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ڀرسان پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي جي گهر تي مبينا حملو، ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، جوڙي تي تشدد، متاثرن پاران تحفظ جي گهر، جهڏو لڳ ڳوٺ جلال الدين جروار جي رهواسي پريمي جوڙي 22 سالا نوجوان جلال پٽ علي محمد جروار ۽ سندس گهرواري 24 سالا مسمات ڪلثوم ڌيءَ متارو خاصخيلي احتجاج ڪندي ڏانهينديءَ چيو ته اسان هڪٻئي کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08


جهڏو : پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ سنسار پبليڪيشن پاران رعائتي ڪتابي ميلي جو افتتاح ٿي ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ سنسار پبليڪيشن پاران سنڌ صحافي اتحاد ۽ سنڌي ادبي سنگت جي سهڪار سان ٽن ڏينهن واري رعائتي ڪتابي ميلي جو افتتاح ٿي ويو. افتتاح ضلعي چيئرمين محترم سهيل اختر عباسي ڪيو. ان موقعي تي سنڌ صحافي اتحاد جو ضلعي آرگنائيزر محمد يونس راڄپر، سنسار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين : ڊاڪٽر سڪندر علي منڊرو انڊس اسپتال ۽ هيلٿ نيٽ ورڪ انتظاميا ۾ ڳالهيون ڪامياب

سنڌ جي فنانس کاتي پاران 55 ڪروڙ روپين جي پهرين قسط جاري ٻئي قسط ايندڙ مهيني ڊسمبر ۾ جاري ڪئي ويندي

2018 کان جون 2022 تائين پنهنجي فلاحي فنڊ مان خرچ ڪيل هڪ ارب 10 ڪروڙ روپيا ٻن قسطن ۾ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

سنڌ حڪومت پاران پهرين قسط 55 ڪروڙ روپيا جاري ڪري ڇڏيا، ٻئي قسط ايندڙ مهيني ڊسمبر ۾ جاري ڪئي ويندي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ حڪومت ۽ ڊاڪٽر سڪندر علي ميندهرو انڊس اسپتال ۽ هيلٿ نيٽ ورڪ جي انتظاميا جي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون سنڌ جي فنانس کاتي طرفان 55 ڪروڙ روپين جي پهرين قسط جاري ٻئي قسط ايندڙ مهيني ڊسمبر ۾ جاري ڪئي ويندي انڊس اسپتال ۽ هيلٿ نيٽ ورڪ جي انتظاميا طرفان بدين جي صحافين ٿورا مڃيا ويا تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٿرپارڪر ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ماڻهن کي ذهني دٻاءُ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪنٽرول روم قائم

وياج، قرض سميت ذهني دٻاءُ جي حوالي سان شڪايتون داخل ڪرايون وڃن : ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي

ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ وياج خوان خلاف شڪايتون آفيس جي وقت ۾ داخل ڪرائي سگهجن ٿيون

ملوث ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال ۽ وڌ ۾ وڌ 10 سال قيد ۽ 10 لک رپيا ڏنڊ ٿي سگهي ٿو ته خيال ڪيو وڃي ٿو

مٺي (ب ر) ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ ماڻهن کي ذهني دٻاءُ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪنٽرول روم قائم، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته قرض وٺندڙن کي ذهني دٻاءُ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17


مٺي : ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر تعليم کاتي پاران هلايل خصوصي مهم جي حاصلات لاءِ وڻ ڪاري ڪئي وئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ گورنمينٽ ڊبل سيڪشن هاءِ اسڪول بئراج ڪالوني "سکر صاف سکر سرسبز" سکر تعليم کاتي پاران هلايل خصوصي مهم جي حاصلات لاءِ وڻ ڪاري ڪئي وئي. اسڪول جي پارڪ ۾ اسڪول جي سينيئر هيڊ ماستر محمد حسن ٻرڙو جي ميزباني ۽ استادن شاهنواز سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽري ميرواهه يوسي ڏيپارجا ڀرسان ڳوٺ ٻاپڻ ۾ اسڪول جي عمارت زبون حال

فرنيچر جي سخت کوٽ، 30 شاگرد کليل آسمان هيٺ پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل

پنهنجي مدد پاڻ تحت شاگردن کي پراڻي ٽٽل ڇت هيٺ اسڪول ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن : ڳوٺاڻا

مسئلن بابت تعليم کاتي جي ڪامورن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪو ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي

ٽري ميرواهه (رپورٽر) تعلقه ٽري ميرواهه يوسي ڏيپارجا ڀرسان ڳوٺ ٻاپڻ ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال، فرنيچر جي سخت کوٽ، 30 شاگرد کليل آسمان هيٺ پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل اختياريون ننڊ ستل. شاگردن جو احتجاجي مظاهرو رپورٽ موجب يوسي ڏيپارجا ڳوٺ ٻاپڻ گورنمينٽ پرائمري اسڪول سانگي ابڙا جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

معاشري ۾ عدل ۽ انصاف کان بغير امن ۽ ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي : مولانا اسدالله ڀٽو

قانون جي حڪمراني، جمهوريت جي بالادستي ۽ عدليه جي آزادي لاءِ وڪلا برادري جو ڪردار ناقابل فراموش رهيو آهي

اسرائيل هڪ ناجائز ۽ قابض رياست آهي جنهن جو وجود ئي ناپاڪ آهي، ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ ايمان جي نشاني آهي

ايندڙ عام چونڊن ۾ به حق سچ جو ساٿ ڏيو ته جئين قابل، ايماندار ۽ جُرئتمند قيادت جي چونڊ ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي مرڪزي نائب امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي اسدالله ڀٽو ايڊووڪيٽ چيو آهي ته معاشري ۾ عدل ۽ انصاف کان بغير امن ۽ ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي، قانون جي حڪمراني، جمهوريت جي بالادستي ۽ عدليه جي آزادي لاءِ وڪلا برادري جو ڪردار ناقابل فراموش رهيو آهي. بار هميشه هر آمر خلاف حق جو آواز بلند ڪيو آهي جنهن جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



ڪراچي : جماعت اسلامي جو امير مولانا اسد الله ڀٽو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خانواهڻ : چائلڊ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر مظهر حسين ڪوڪر ڪافي عرصو ڪينسر سبب لاڏاڻو ڪري ويو

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) ديهات پرسان ڳوٺ ڳاجي خان ڪوڪر جي معزز شخصيت، بهترين انسان ۽ بهترين طبيعت جو مالڪ چائلڊ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر مظهر حسين ڪوڪر ڪافي عرصو ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هئڻ سبب 19 نومبر تي ترڪي ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو هو جنهن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

لاڙڪاڻي ۾ ينگ ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال جي سمورن شعبن جي هائوس جاب آفيسرن 5 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

ايم ايس ڊاڪٽر مبشر ڪولاچي ۽ ڊائريڪٽر فنانس پاران پنجن مهينن کان اسان جون پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن : مظاهرين

اسان لاڳاپيل عملدارن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ان جي باوجود پگهارون نه ملي سگهيون آهن، واهر ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ينگ ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن جي سڏ تي چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال جي سمورن شعبن جي هائوس جاب آفيسرن 5 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف ميڊيڪل سپرينٽينڊنٽ ڊاڪٽر مبشر ڪولاچي جي آفيس ٻاهريان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي ينگ ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

خانپور ڀرسان اتفاقي گولي لڳڻ سبب 15 سالن جو نينگر فوت

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نينگر جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال آندو

واقعي جي شفاف جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن : پوليس

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ڀرسان سڄل ڀهوڙ ۾ اتفاقي گولي لڳڻ سبب 15 سالن جو نينگر فوت، نينگر شڪارپور کان ڳوٺ سڄل ڀهوڙ ۾ پيڻ جي گهر گهمڻ آيو اطلاع مليو ته اتفاقي گولي لڳڻ سبب نينگر فوت ٿيو آهي رحيم آباد پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز: فاطميه فائونڊيشن بلڊ بئنڪ سول اسپتال پاران بلڊ ڊونيشن ڪئمپ قائم

هن انسٽيٽيوٽ ۾ هر سال جيان هن سال به رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون : اڳواڻ

ڪئمپ جو مقصد ٿيليسيميا، ڊائلاسز نوڙي ٻين بيمارين ۾ مبتلا غريب مريضن جي مدد ڪرڻ آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز: فاطميه فائونڊيشن بلڊ بئنڪ سول اسپتال پاران انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ نوشهرو فيروز ۾ مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اسٽاف انتظاميه نوڙي شاگردن وڏي انگ ۾ رت جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04


نوشهروفيروز : رت عطيو ڏيڻ لاءِ لڳايل ڪئمپ دوران ورتل فوٽو

دادو ۾ ڪامريڊ شهيد شاهنواز ڀٽو جي 65 هين سالگره تقريب

اڳواڻن ڪامريڊ شهيد شاهنواز ڀٽو جي انقلابي جدوجهد شهادت تي روشني وڌي

جلد فاطمه ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽو ثاني عوام جي وچ ۾ هوندا : اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع دادو آفيس تي ڪامريڊ شهيد شاهنواز ڀٽو جي 65 هين سالگره پ ب پ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي : ذاڪر ڪانڊرو پاران سڄل ڳوٺ ۾ محبوب عباسي کي آجياڻو

پ پ اڪثريت سان سوپ حاصل ڪري اقتدار ۾ اچي عوام جي مسئلا حل ڪندي : منور وساڻ

ايندڙ جمهوري سيٽ اپ ۾ نوجوان قيادت بلاول ڀٽو ئي وزيراعظم ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) ذاڪر ڪانڊرو پاران سڄل ڳوٺ ۾ محبوب عباسي کي آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ پ پ اڳواڻ ايم پي اي منور وساڻ، سيد احمد علي شاه ڪاظمي، پنهل لاڙڪ، اياز گاد، حميد چڇر، مجيد هيسباڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران اسڪولن جا اچانڪ دورا

اسڪولن جي دوري جو مقصد اسڪولن ۾ طالب علم جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي : صوبيه فلڪ

مختلف اسڪولن جي صورتحال ۽ صفائي سٿرائي جا بهتر انتظامات هجڻ ڪپن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيه فلڪ راڻو جو ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10


سکر : اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيه فلڪ راڻو اسڪولن جا دورا ڪري رهي آهي

مٺي ڀرسان باهه لڳڻ سبب هڪ گهر ۽ سمورو سامان سڙي ويو

رانجهو پٽ منون جا 2 ڪچا جهوپڙا ۽ هڪ ٻڪري سڙي سڙي رک ٿي وئي

ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آندو، متاثرين کليل هوا ۾ ويٺل

مٺي (ن سنڌيار) مٺي ڀرسان باهه لڳڻ سبب هڪ گهر ۽ سمورو سامان سڙي ويو، مٺي: مٺي جي ڳوٺ هروجي جي ڊاڙيو ۾ گهر کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ رانجهو پٽ منون جا 2 ڪچا جهوپڙا ۽ هڪ ٻڪري سڙي سڙي رک ٿي وئي ڳوٺاڻن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

وارهه ۾ سهارو وٺندي ٽائون انتظاميه ريڙهن وارن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو

مشهور اداڪار ميان عرف بيگو ٽائون انتظاميه کان تنگ ٿي قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪيو

انتظاميه اسان ريڙهي وارن لاءِ انڪروچمينٽ جو جواز ڄاڻائي اسان سان ظلم ڪندي آهي : اداڪار ميان

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه عدالت سگهوري جو سهارو وٺندي ٽائون انتظاميه وارهه غريب ريڙهن وارن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو. ڪشش ڪي ٽي اين ۽ اسٽيج ڊرامن جو مشهور اداڪار ميان عرف بيگو ٽائون انتظاميه وارهه جي ظلم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19


وارهه : ناليرارو اداڪار ٽائون انتظاميه خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر ۾ ڪامريڊ سر شهيد شاهنواز ڀٽو جي 65 هين سالگره

فلسطين ۾ جاري جارحيت جي ڪري سادگي سان ملهائي وئي، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

فلسطين جي مظلوم عوام سان يڪجهتي طور سادگي سان ملهائي رهيا آهيون : اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) ضلعي سکر ۽ مرڪز پاران حريت پسند گوريلا اڳواڻ ڪامريڊ سر شهيد شاهنواز ڀٽو جي 65 هين سالگره جتوئي هائوس بچل شاه مياڻي سکر ۾ فلسطين ۾ جاري جارحيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ سرسو پاران ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

ٻارن جي بهتري کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي : اڳواڻ

اسان سيني کي اهو اُمر ياد ڏيارڻ لاءِ پڻ آهي ته ٻار اسان جو مستقبل آهن

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ سرسو پاران ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) پاران سکر جي يو ايس ايڊ گورنمينٽ نمائش اسڪول ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اسان ڊجيٽلائيز دور مان گذري رهيا آهيون : نديم الرحمان ميمڻ

جيڪڏهن اسان وٽ جديد ٽيڪنالاجي نه هوندي ته اسين ترقي نه ڪري سگهنداسين

ٻهريان ڪنهن به نوجوان شاگرد وٽ ليپ ٽاپ هجڻ هڪ خواب هو پر هاڻي هر شاگرد جي ضرورت آهي

حيدرآباد (هـ آ) اسان ڊجيٽلائيز دور مان گذري رهيا آهيون، جيڪڏهن اسان وٽ جديد ٽيڪنالاجي نه هوندي ته اسين ترقي نه ڪري سگهنداسين، ٻهريان ڪنهن به نوجوان شاگرد وٽ ليپ ٽاپ هجڻ هڪ خواب هو پر هاڻي هر شاگرد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30


حيدرآباد : ڪونايل تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري

سنڌ سرڪار جي خاطرين باوجود سکر پوليس جو اصل قاتل سوگها نه ڪرڻ تي ڪردار سواليه نشان بڻجي ويو

صحافين ۽ سول سوسائٽي ۾ غصي جي لهر، اصل قاتل گرفتار ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو

جيستائين جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿا آندا وڃن تحريڪ جاري رهندي : مظاهرين

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن سکر پوليس 100 ڏينهن ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهي، سنڌ سرڪار جي خاطرين باوجود سکر پوليس جو اصل قاتل سوگها نه ڪرڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06


سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جهڏو ۾ سماجي تنظيم پاران ٻوڏ متاثر مستحق ۽ بيوهه عورتن کي ٻڪريون ڏنيون ويون

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ سماجي تنظيم "ٽر دي هيومن ايڊ ريزولو" پاران جهڏي جي ڳوٺ فتح خان پتافي، ڪيڙو خان پتافي، ڳوٺ گهنور خان پتافي سميت ٻين ڳوٺن ۾ ٻوڏ متاثر مستحق ۽ بيوهه عورتن کي ٻڪريون ڏنيون ويون. ان سلسلي ۾ جاڳايل سماجي تنظيم اڳواڻ محمد جوٽيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته انسان انسانيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين : ماهيگيرن جي عالمي ڏينهن تي تقريب

مختلف ضلعن کان آيل هزارين ماهيگير مرد عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ ٽيبلوز پڻ پيش

دريائن ۾ مٺو پاڻي نه ڇڏڻ ڪري لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي : اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ماهيگيرن جي عالمي ڏينهن تي ڪالهه پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سڏ تي بدين ۾ هڪ نجي هال ۾ رکيل پروگرام ۾ چيئرمين سيد مهراڻ شاهه وائس چيئرمين بي بي ياسمين شاهه ۽ بدين جي اڳوڻي ضلعي ناظم سردار ڪمال خان چانگ ۽ ٻين جي شرڪت. لاڙ جي ساموندي پٽي سميت مختلف ضلعن کان آيل هزارين ماهيگير مرد عورتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مانجهند ۾ 70 سالن جو پيرسن انصاف جو منتظر، زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس خلاف احتجاج جاري

زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف پٽي برادري پاران 26 هين ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

اختريٽي ديهه ٽنگهياٽي ۾ ڪاتي جي 80 ايڪڙ سروي زمين تي هٿيارٻند ويهاري قبضو ڪري ويٺو آهي : مظاهرين

پوليس اسان جو ڪيس وٺڻ بدران الٽو اسان مٿان ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ 70 سالن جو پيرسن انصاف جو منتظر، زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس خلاف احتجاج جاري. تفصيل موجب مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف پٽي برادري پاران 26 هين ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي وئي شهرين سياسي سماجي ڌرين ڪيمپ تي پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پيرسن ولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15


مانجهند : پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو : اڏيرو ڪئنال مان 30 زميندارن کي ڳري رشوت عيوض پاڻي فراهم جي ترديد

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) آبپاشي کاتي پاران 4 ارب رپين جي لاڳت سان 65 ڪلوميٽرن تائين ساحلي علائقن کي پاڻي فراهم ڪرڻ واري اڏيرو ڪئنال مان 30 زميندارن کي ڳري رشوت عيوض پاڻي فراهم جي ترديد ڪري ڇڏي ٺٽي جي ساحلي علائقن ٻگهاڻ، ڪيٽي بندر ۽ ٻرياسي جي ڳوٺن کي زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪوٽ غلام محمد جي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران سول اسپتال جو دورو

ڊاڪٽر اسٽاف ڊيوٽي تان غائب، عملي ۾ ٽرٿلو مچي ويو، غير حاضر ڊاڪٽر ۽ عملو فورن پهچي ويو

اسپتال ۾ دوائن انجيڪشنن صاف صفائي نامڪمل هئي، پندرانهن سالن کان ڪرپشن جي ور چڙهيل

ايم ايس سول اسپتال نظير احمد سولنگي کان تعلقي سول اسپتال جي مسعلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد جي اسسٽنٽ ڪمشنر هاشم مسعود خان جو تعلقه سول اسپتال جو اچانڪ دورو، ڊاڪٽر اسٽاف ڊيوٽي تان غائب، عملي ۾ ٽرٿلو مچي ويو، غير حاضر ڊاڪٽر ۽ عملو فورن پهچي ويو جڏهن ته اسپتال ۾ دوائن انجيڪشنن صاف صفائي نامڪمل هئي پندرانهن سالن کان ڪرپشن جي ور چڙهيل سول اسپتال جي ناقص حالت بابت ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو ۾ سماجي تنظيم اسپارڪ ۽ سي آر سي پاران ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

سيمينار ۾ ميهڙ تعلقي جي مختلف يونين ڪائونسل جي ٻوڏ متاثرين ٻارڙن ۽ دادو جي اسڪولي ٻارڙن ۽ ٻين جي شرڪت

اڄ ٻارڙن جي عيد آهي ۽ هن عيد کي ضلعي انتظاميا ۽ سماجي تنظيم گڏجي ٻارن سان ملهائي رهي آهي : اڳواڻ

ضلعي ۾ آئوٽ آف اسڪول تمام گهڻا ٻار آهن، ان سلسلي ۾ اسان ضلعي ليول تي آئوٽ آف اسڪول چلڊرين ڪاميٽي ٺاهي آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سماجي تنظيم اسپارڪ ۽ سي آر سي پاران ايڪشنيڊ جي سهڪار سان ٻارڙن جو عالمي ڏينهن دادو جيم خانه ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو سيمينار ۾ ميهڙ تعلقي جي مختلف يونين ڪائونسل جي ٻوڏ متاثرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22


دادو : ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٿيل تقريب جو ڏيک

گهوٽڪي عدالت حاضرين تان مسلسل غير حاضر رهڻ تي جوابدار کي هٿڪڙيون هڻي ڪسٽڊي ڪري ڇڏيو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) گهوٽڪي عدالت حاضرين تان مسلسل غير حاضر رهڻ تي جوابدار کي هٿڪڙيون هڻي ڪسٽڊي ڪري ڇڏيو. ڇهه ڪلاڪن بعد آزادي ايندڙ ٻڌڻين تي حاضر ٿيڻ جو حڪم. خبرموجب گهوٽڪي ۾ فرسٽ سول جج نويد احمد سهتو جي عدالت خيرپور واسي جوابدار غلام نبي ٻهر کي حاضري تان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

راڻيپور ۾ ميربحر ۽ مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي شاندار ريلي

ملڪ سميت سڄي دنيا ۾ ملاح قوم رهي ٿي ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ هي ڏينهن سرڪاري طور تي ملهايو ويندو آهي : اڳواڻ

ملاحن کي سهولتون ڏنيون وينديون آهن پر افسوس سان اسان جي ملڪ ۾ ملاحن جا حق ڪاڏا ٿا وڃن

سمنڊ ۾ جيڪي ٺيڪا ڏيڻا هوندا آهي ملاحن کي ڏيڻا هوندا پر اسان جي ملڪ ۾ ابتو قانون استعمال ڪيو وڃي ٿو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور 21 نومبر تي ملاح ميراڻي ميربحر مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي راڻيپور ۾ سنڌ ملاح فورم ضلعي خيرپور جي صدر فقير علي حسن ملاح جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪنب صوبيديرو ڪوٽڏيجي نارو ٽري ميرواهه سکر خيرپور گهوٽڪي راڻيپور سميت ملاحن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪوٽڏيجي مان مبيني اغوا ڄاڻايل ناري خيرپور جي عدالت ۾ پيش

جوابدارن مٿان گهر ۾ گهري قرلت بعد اغوا ۽ زنا جا الزام، پوليس پاران ڪا به اڳيرائي نه ٿي

جاني مالي نقصان جي ڌمڪين جا الزام، تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي : متاثر

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي مان مبيني اغوا ڄاڻايل ناري خيرپور جي عدالت ۾ پيش جوابدارن مٿان گهر ۾ گهري قرلت بعد اغوا ۽ زنا جا الزام، پوليس پاران ڪا به اڳيرائي نه ٿي، الٽو جوابدارن پاران جاني مالي نقصان جي ڌمڪين جا الزام، تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو تفصيل مطابق تعلقو ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ عبدالرزاق والا سان مبيني 17 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29


ڪوٽڏيجي : ناري جا وارث عدالت ٻاهران احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور آرٽس ڪائونسل اوپن ايئر ٿيٽر ۾ ايندڙ 23 نومبر کان 25 نومبر تائين اصلاحي سنڌي ڊرامو (ناٽڪ) پيش ڪيا ويندا : پڙهائي

خيرپور (ب ر) ثقافت کاتي سنڌ جي تعاون سان خيرپور آرٽس ڪائونسل اوپن ايئر ٿيٽر ۾ ايندڙ 23 نومبر کان 25 نومبر تائين اصلاحي سنڌي ڊرامو (ناٽڪ) پيش ڪيا ويندا. ۽ تنوير عباسي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي. هن سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب خيرپور آرٽس ڪائونسل جي منتخب صدر مختيار ملڪ ۽ سندس ٽيم جي ڪاوشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دولتپور صفن ۾ 21 نومبر تي ملاحن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي گڏجاڻي

ملڪ سميت سڄي دنيا ۾ ملاح قوم رهي ٿي ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ هي ڏينهن سرڪاري طور تي ملهايو ويندو آهي : اڳواڻ

ملاحن کي سهولتون ڏنيون وينديون آهن اسان جي ملڪ ۾ ملاحن جا حق ڪاڏا ٿا وڃن ۽ پاڻي تي ڌارين جا قبضا ٿيل آهن

ملاحن جي قوم سان انصاف ڪري دريائن ۽ سمنڊ ۾ مڇي مارڻ جا ٺيڪا ڏئي ملاحن جي قوم سان انصاف ڪيو وڃي

دولتپور صفن (رپورٽر) 21 نومبر تي ملاح ميراڻي ميربحر مهاڻن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي سنڌ جيان دولتپور شهر ۾ به سردار علي بخش ملاح جي اڳواڻي ۾ اهم گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ لعي نواب شاهه جي مختلف شهرن قاضي احمد دوڙ نواب ولي محمد سرڪاري ڪوهه شاهپور جهانيان صفن سميت وڏي انگ ۾ ملاح برادري شرڪت ڪئي ۽ سوين گاڏين جو قافلو دولت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 22 نومبر 2023ع

اوور بلنگ جي صورت ۾ بجلي ڪمپنين جي ڏاڙيوالي

حڪمران ته عوام کي مهانگائي جي گهاڻي ۾ پيڙي ان جو رت ست نپوڙڻ ۾ ڪابه ڪسر نه پيا ڇڏين پر انهن جي عوام کان لاتعلقي به ٻين استحصالي ادارن کي جڻ ته کلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي آهي. اها ڦرلٽ تيل، گئس ۽ بجليءَ جي مد ۾ گهڻي ٿيندي رهي آهي. هڪ طرف عالمي مالياتي اداري جي فرمائشن تي بجلي مهانگي ڪري عوام جي پهچ کان پري ڪئي وئي آهي، حڪومت جي ظالماڻن ٽيڪسن عوام لاءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ڪيون آهن ته مٿان وري بجلي ڪمپنين جي ڏاڙيواليءَ عوام کي جيئڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ بجليءَ جي واهپيدارن کان اربين رپين جي 'اوور بلنگ' جي وڏي اسڪينڊل جو انڪشاف ٿيو آهي، جنهن ۾ اڳ ئي مهانگي بجليءَ باوجود واهپيدارن کان اوور بلنگ ذريعي اربين رپيا وصول ڪيا ويا آهن. آگسٽ مهيني ۾ بجلي ڪمپنين واهپيدارن کان اربين رپين جا بل وڌيڪ وصول ڪيا. نيپرا جي انڪوائري رپورٽ ۾ آگسٽ جي بلن ۾ اوور بلنگ ثابت ٿي چڪي آهي. نيپرا طرفان ڊسڪوز جي اوور بلنگ جي حوالي سان رپورٽ پڌري ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ عوام جي ڦرلٽ جا نوان رڪارڊ قائم ٿي رهيا آهن. خاص طور تي بجلي ڪمپنيون واڌو بل، اضافي بل ۽ ڊيٽڪشن بل موڪلي عوام جي ڦرلٽ ڪنديون رهيون آهن ۽ هاڻي ته ڳجهي نموني سان عوام جي کيسي تي ڏاڙيوالي ڪرڻ وارو انڪشاف پڻ سامهون آيو آهي. انتهائي غربت جا شڪار ماڻهو جن جي مجموعي ماهوار آمدنيءَ جو 70 سيڪڙو ته مهانگي بجليءَ جي بلن حوالي ٿيو وڃي ته باقي هو ٻچن کي ڇا کارائين؟ بجلي ڪمپنين طرفان اوور بلنگ جي ذريعي ڪيل ڏاڙيوالي اهڙو عمل آهي، جنهن جي اڳيان دنيا جا وڏا ڏاڙا به شرمنده آهن. سڀ کان وڌيڪ اوور بلنگ ليسڪو ۽ حيسڪو ريجن ۾ ٿي. ڊسڪوز طرفان ٿيندڙ ان ڏاڙيواليءَ جو طريقهءِ واردات اهو رهيو ته پروٽيڪٽيڊ واهپيدارن کان نان پروٽيڪٽيڊ وارا بل وصول ڪيا ويا ۽ اوور بلنگ جي لاءِ ريڊنگ ۾ دير وارو هربو استعمال ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت ريڊنگ ۾ دير ڪري پروٽيڪٽيڊ واهپيدارن کي نان پروٽيڪٽيڊ ڪئٽيگري ۾ شامل ڪيو ويو. ٿيو ائين ته ميٽر ريڊنگ جي مقرر تاريخ بدران ڄاڻي ٻجهي ٽي چار ڏينهن دير سان ريڊنگ ورتي وئي. ان ڪانسواءِ ڊسڪوز طرفان ميٽر تبديليءَ جي نالي تي پڻ وڌيڪ وصوليون ڪيون ويون.

ملڪ ۾ بجليءَ جي چوري کان وٺي مختلف غير قانوني عملن ۾ بجلي ڪمپنين جا اهلڪار ملوث هوندا آهن. اهي بجلي جي ڪُنڊا ڪلچر کي هٿي ڏين ٿا. بجلي وڪڻن ٿا ۽ ان جي پورائي جي لاءِ وري اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري عوام کي آزار ۾ وجهن ٿا. بجلي ڪمپنين طرفان انهن علائقن ۾ وڌيڪ لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي، جتي بلن جي وصولي گهٽ ٿئي ٿي پر ڏسجي ته اها نااهلي به بجلي ڪمپنين جي اهلڪارن جي آهي. جيڪي بجليءَ جا بل وصول ڪرڻ ۾ نااهليءَ جو مظاهرو ڪن ٿا ۽ ان جي سزا وري انهن ماڻهن کي ڀوڳڻي پوي ٿي، جيڪي پنهنجا بل پابنديءَ سان ادا ڪن ٿا. ان ڪانسواءِ لائين لاسز جي نالي ۾ پڻ واهپيدارن تي وڏي چٽي مڙهي وڃي ٿي. بجلي ڪمپنين جو انفراسٽرڪچر جيڪڏهن نڪارا ۽ پراڻو آهي، جنهنڪري لائين لاسز وڌيڪ ٿين ٿا ته ان ۾ واهپيدارن جو ڪهڙو ڏوهه؟

هونئن ته هر مهيني عوام کان فيول ايڊجسٽمينٽ چارجز جي نالي ۾ ڳري رقم وصول ڪئي وڃي ٿي ۽ هاڻي وري اوور بلنگ جي نالي ۾ هيڏو وڏو ڏاڙو هنيو ويو آهي. پر اهو پهريون دفعو ناهي ٿيو. هن کان اڳ به اهڙيون ئي وارداتون بجلي ڪمپنيون مختلف وقتن تي ڪنديون رهيون آهن پر انهن کان پڇاڻو نٿو ٿئي. ويتر انهن جي فرمائشن تي بجليءَ جا اگهه وڌايا وڃن ٿا. هاڻي جڏهن نيپرا طرفان ڪرايل انڪوائريءَ ۾ اوور بلنگ وارا معاملا ثابت ٿي چڪا آهن ته بجلي ڪمپنين خلاف سخت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. نه صرف اهو پر اوور بلنگ واري رقم واهپيدارن کي واپس ڪرائي وڃي ۽ آئنده لاءِ اهڙي ڦرلٽ روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

ملاحن جو عالمي ڏينهن ۽ اسان لاءِ رستا

محمد احسان لغاري

ابراهيم حيدري، ريڙهي ڪراچيءَ کان وٺي ڪشمور تائين ملاحن، مهاڻن، ميربحرن ۽ ميراثين جا ڪئي واهڻ ۽ ڳوٺ، ذاتيون ۽ پاڙا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ماهيگيري سنڌ جي سماج ۾ واهڙن جيان وريل آهي. پاڪستان ۽ سنڌ ۾ "مڇي مانيءَ" وارا گهاتو نئين بڻراجي نظام، ۽ سمنڊ جي والارجي نتيجي ۾ غريب ترين ۽ ڏتڙيل طبقو ٿي پيا آهن.

21 نومبر تي هر سال سڄي دنيا ماهيگيريءَ جو عالمي ڏينهن ملهائيندي آهي. ان کي ملهائڻ جي اهم مقصدن ۾ هڪ "مڇي مارڻ جي پائيداري نظام" لاءِ ڪوششون ڪرڻ، جيئن توازن کان وڌيڪ شڪار نه ٿئي. ٻيو جيڪي ننڍي پئماني تي ملاح/ماهيگير مڇيون ماري پنهنجو گذرسفر ڪندا آهن. انهن جي روزگار ۽ انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندي مضبوط ڪرڻ. ٽيون مڇيءَ مارڻ وارن طريقن ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ بهتر حالتون پيدا ڪرڻ (ان ۾ ملاحن جي پنهنجي سماجي حالت مرڪزي حيثيت رکي ٿي) ۽ غير قانوني ۽ بنا ڪنهن قاعدي جي ٿيندڙ ۽ اڻ ٻڌايل (چوري) مڇيءَ جي شڪار کي ختم ڪرڻ جا جتن ڪرڻ شامل آهن.

سڄي دنيا ۾ ماهيگير پاڻين تي طاقتور ڌرين جي قبضن، سامونڊي پٽي ۽ ڊيلٽائن ۾ اڏاوتي ڪمن/عمارتن ۽ تڪڙن آباد ٿيندڙ نون شهرن، ماحولياتي پليدي ۽ پاڻيءَ جي گدلاڻ ۽ گهري سمنڊ مان وڏن ٽرالرن جي شڪارن جي ڪري ۽ بئراجن يا پاڻي کي وراڻڻ جي ڪري پنهنجي روزي روٽي وڃائي ويٺا آهن يا وڃائي رهيا آهن! پاڻي دريائن، ڍنڍن، ڍورن ۽ سمنڊ سان ڳنڍيل هڪ سلسلي جو نالو آهي. جيڪڏهن صرف "مڇي" جي عنصر کي ڏسندا سين ته پوري عالمي غذائي ضرورتن جو 25 سيڪڙو مڇي مان حاصل ٿئي ٿو. دنيا جا 20 ڪروڙ کان مٿي ماڻهو مڇي مارڻ جي ڪاروبار ۽ ڪرت ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ڪم ڪن ٿا.

پاڪستان ۾ ماهيگيري جو جي ڊي پي ۾ حصو 0.4 سيڪڙي کان به گهٽ آهي. سامونڊي مڇي جي سراسري پيداوار ٽي لک سٺ هزار ٽن، جڏهن ته مٺي پاڻيءَ واري مڇي جي پيداوار ڏيڍ لک ٽنن کان مٿي آهي. تقريباً ڇهن لکن ماڻهن جو سڌو سنئون روزگار ماهيگيريءَ سان لاڳاپيل آهي. اڻ سڌي طرح لاڳاپيل ماڻهن جو تعداد ڏهن ۽ ويهن لکن جي وچ ۾ آهي.

1990ع واري ڏهاڪي کان وٺي سامونڊي مڇيءَ جي پيداوار ۾ گهٽتائي آئي آهي. خطرناڪ حد تائين "وڌيڪ مڇي مارڻ" جي ڪري مستقبل جي پيداواري صلاحيت کي يقيني ڇيهو رسندو مڇي مارڻ يا شڪار هاڻ وڌيڪ پئسو ۽ محنت طلب ٿي پيو آهي! انهن حالتن جو اثر ننڍي پئماني تي مڇي ماريندڙ ماهيگيرن تي تمام گهڻو پئجي رهيو آهي! سنڌ جا پاڻي پوءِ اهي "منڇر"، ڊيلٽا يا سامونڊ جي صُورت ۾ هجن، انهن جي خراب ٿيندڙ صورتحال، گدلاڻ، پاڻي جي گهٽتائي، وڏن جا قبضا، مجبور ملاحن جا شڪار ڪرڻ جا غير پائيدار ۽ نقصانڪار طريقا، گڏجي سنڌ جي ملاحن کي اقتصادي ۽ سماجي طور تي جنجهوڙي وڌو آهي!

جيڪڏهن ملاحن جي موجوده حالتن ۾ بهتري آڻڻ جو سوچيندا سين ته ان ۾ ڪافي ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. جيڪڏهن پوئين ويهن سالن جي تحقيقن پلانن ۽ پاليسين کي ڏسنداسين ته انهن ۾ ڪئي اهم ڏس ڏنل هئا، جنهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ئي نظر نٿي اچي. پاڻيءَ تي حقن ۽ مڇي مارڻ جي حقن لاءِ پوئين پنجويهن سالن جي هڪ وڏي جدوجهد نظر اچي ٿي. جنهن ۾ مارشلائي حڪومت سان مهاڏو اٽڪائڻ، جمهوري حڪومتن کان جائز حق گهرڻ، بين الصوبائي پاڻيءَ جي ورڇ، نهيل جُڙيل منڇر کي هٿ وٺي گدلو ڪرڻ، پاڻيءَ جي نڪاسيءَ واري کابي ۽ ساڄي پاسي جي سرشتن، ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ، "اڪي اقتصادي سامونڊي ايراضي- ايڪسڪلوزو اڪنامڪ زون" ۾ مڇيءَ مارڻ جي حق مان ننڍن ملاحن جو تڙڻ، عالمي وڏن ٽرالرن جون ارهه زوراريون، سامونڊي زميندارن ۽ ٺيڪيدارن سان جهيڙا، ڪيٽي بندر کان زيرو پوائنٽ تائين رهندڙ بيواهن ماهيگيرن لاءِ پيئڻ جو پاڻي ۽ ٻيون سهولتون جهڙا اهم ڪم شامل آهن. ان ۾ سياسي ۽ سماجي تنظيمن ۽ انسانن جي هڪ جهدِ مسلسل آهي. محترم عارب ملاح کان محترم محمد علي شاهه تائين جائز ويڙهه ڪندڙ ڪئي هزار انسانن جو حصو آهي. جن پاڻ پتوڙيو آهي. سنڌ جي ملاحن جي مسئلن کي صوبائي، قومي ۽ عالمي سطح تي کڻڻ ۾ سنڌ جي 'سيد- ملاح' محمد علي شاهه جي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي!

مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جا تلاءَ پوري سنڌ ۾ موجود آهن. واهن، واهڙن، پراڻي آبپاشيءَ جي ڍنڍن، سيلابي زمينن ۽ هيٺاهين وارين هنڌن ۾ ڪچي، پڪي ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. ملاحن کان نڪري وڏن زميندارن جي دسترس ۾ ايندڙ ڪيئي ڍنڍون، ڪنپ، قدرتي وهڪرا، پنن ۾ بند ڪري تلاءَ پڻ ٺاهيا ويا آهن. تان جو جتي بظاهر آبپاشيءَ جي اٿاٽ آهي ته اُتي به مڇي جا تلاءَ هجڻ ۽ ڪن حالتن ۾ واهن جي اسڪيپن جو ڪلڻ جڏهن پڇڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي بوند نه هجي، پاڻيءَ جي ورڇ ۽ پاڻي تي ڪنٽرول جي نون پهلوئن کي واضح ڪري ٿي! مڇيءَ جي فارمنگ آبي زراعت جو هڪ قسم آهي. جنهن کي اُڪوا ڪلچر چون ٿا. هي هڪ اهم شعبو آهي، جنهن تي گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن سامونڊي 'آبي زراعت' جو جائزو وٺنداسين ته ان ۾ ڪا گهڻي ترقي نظر نه ايندي. پر هاڻ هوا جو رُخ بدلجي رهيو آهي. ساحلي علائقي ۾ ڪجهه ڪارپوريٽ ادارا ۽ ڪاروباري ماڻهو گهانگهٽ، جهينگن جا فارم اڏي رهيا آهن. ان پوري اُڪوا ڪلچر کي سائنسي ۽ سماجي بنياد تي وڌائڻ جي ضرورت آهي. ان ۾ خانگي- سرڪاري ادارن جو ميلاپ، ملاحن کي ان نظام ۾ بهتر تربيت ۽ حالتن سان ڳنڍڻ (ته جيئن انهن جو استحصال نه ٿئي. بلڪ انهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالت بهتر ٿئي.

جولاءِ 2003ع جي آخر ۾ ايندڙ طوفاني برسات بدين ۽ ٺٽي کي ٻوڙي ڇڏيو هو: سامونڊي ويرن چاڙهه، ڊرينن جي ٽٽڻ ڪري بيٺل فصل ٻوڙي ڇڏيا هئا. وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو هو ملاحن کي ته نقصانن جا انبار سهڻا پيا هئا. مون کي ياد آهي ته هڪ ننڍڙي آبادگار جا ٽي ايڪڙ بلڪل ٻڏي ويا ۽ بيٺل فصل ختم ٿي ويو. پر پوءِ جڏهن هن پنهنجي هنيءَ کي جانچيو ته ان ۾ جهينگا ئي جهينگا هئا. جن کي ٽين جي ڊٻن ۾ ڀري هن پنهنجي بيٺل فصل کان به بهتر ڪمايو! مقصد اِهو آهي ته جيڪڏهن غريب ملاحن جي شموليت کي يقيني بڻائيندي 'آبي زراعت' جي ڪم کي وڌائبو ته ڪافي اقتصادي لاڀ وٺي سگهجن ٿا. ڪجهه محنت ڪري ان ڏس ۾ گهڻو اڳتي نڪري سگهجي ٿو

مڇي مارڻ کان وٺي، مارڪيٽ تائين پهچائڻ، وري مقامي يا عالمي سطح تي موڪلڻ تائين وارن مرحلن ۾ اسان تمام پوئتي بيٺل آهيون. جهڙي نموني ميوي يا فصل جي لاپ/لاباري ڪانپوءِ ڪافي حصو زيان ٿئي ٿو، ساڳئي نموني ماهيگيريءَ ۾ پڻ زيان گهڻو آهي. ان جي ڪري معيار پڻ ڪِري پوي ٿو ۽ قيمت گهٽ ملي ٿي. اسان وٽ معياري ضابطا ۽ پوري پراسيسنگ وارو عمل غير سائنسي ۽ پراڻي نموني ٿئي ٿو. جنهن ۾ تربيت، ٽيڪنالاجي، اڏاوت ۽ ٽرانسپورٽ وارن مرحلن کي گهڻو بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

2011ع واري برساتي ٻوڏن ۾ جڏهن شهيد بينظير آباد کان بدين تائين سنڌ ٻڏل هئي ۽ ڊسمبر تائين پاڻي پٽي نڪتو، تڏهن غريبن لاءِ مڇي هڪ اهم پروٽين جو ذريعو ٿي پئي هئي. پاڻين ۾ مڇي جا هزارين مڻ شڪار ٿيا هئا. جيڪڏهن سامونڊي يا مٺي پاڻيءَ جي 'آبي زراعت' کي وڌائبو ته ان غريب ترين ۽ ڏتڙيل علائقي جي خاص ڪري ٻارن ۽ عورتن لاءِ پروٽين ۽ خوراڪ جا موقعا وڌي سگهن ٿا.

ملاحن لاءِ جن وٽ گهڻو ڪري پنهنجي زمين وارا گهر نه آهن. تن کي 2022ع واري ٻوڏ جي نتيجي ۾ ٺهندڙ گهرن وانگيان، (جنهن ۾ غريبن کي زمين جي مالڪي ڏني پئي وڃي) ڪو سروي ڪرائي خاص ڪري سامونڊي پٽي ۾ رهندڙ ملاحن کي زمين جي مالڪي ۽ گهر ٺهرائي ڏنا وڃن. انهن تائين پهچڻ جا رستا پڪل آهن يا نه آهن! انهن وٽ اسپتالون ۽ اسڪول ٻنهه نه آهن. انهن سڀني اهم مسئلن کي هڪ مربوط طريقي سان حل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پائيدار ماهيگيري نه صرف هڪ بهتر سماجي حالت لاءِ ضروري آهي. پر اها ماحول، پاڻي، ڏکين حالتن ۾ وڌيل سهپ ۽ فعال زندگيءَ لاءِ پڻ هاڻ اٽتر آهي ڊيلٽا ۾ پاڻي، دريائي پاڻي جو هجڻ، تمر جي وڻن جي واڌ، مڇي، ٻين حيوانيات ۽ نباتات جي موجودگيءَ ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪو ترقي جي ڳالهه ڪري ٿو. پيداوار ۾ بهتريءَ جو درس ڏي ٿو ته پڪ سمجهو ته ڪوڙ ۽ بغض جي بنياد تي ڳالهائي رهيو آهي. جڏهن به ڊيلٽا ۽ سمنڊ ۾ ڪرندڙ لَٽ ۽ پاڻي کي ڪو ڪتاب، ڪا تحقيق يا ڪو سياسي يا ٽيڪنيڪل فرد 'زيان' ڪوٺي ته سمجهڻ کپي ته هُو پائيداري ۽ بهتر زندگي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَروڙج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڇَڻُ پَر پِرين جي.

آزاديءَ جي نالي تي استعمال ٿيندڙ نوجوان نسل ..!!

سمير ساگر قريشي

آزادي هر انسان جو بنيادي حق آهي ۽ آزاديءَ جا ڪيترائي قسم آهن. هر انسان لاءِ آزادي ڪيتري حد تائين ممڪن ۽ گهربل آهي. ان سڀ نقطن تي نظر وجهڻ کان پهرين شايد اسان کي آزاديءَ جي تعريف کي سمجهڻ گهرجي. آزادي هڪ اهڙو اصطلاح آهي جيڪو ڪيترن ئي معنائن ۾ استعمال ٿيندو آهي. هر ماڻهو پنهنجي مفاد مطابق ان لفظ کي استعمال ڪندو آهي. منهنجو خيال آهي ته لفظن کي فرضي معنائن ۾ استعمال ڪرڻ سٺو عمل نه آهي. لغت ۾ لفظ 'آزادي' جي معنيٰ آهي خودمختياري، رهائي ۽ غلامي آزاديءَ جو متضاد آهي. آزادي هڪ اهڙو مفهوم آهي جنهن کان سڀ انسان واقف آهن ۽ آزاديءَ سان انساني دلچسپي ڪا نئين ڳالهه ناهي. تاريخ شاهد آهي ته انسان جي آزاديءَ سان وابستگي سرمائيداري يا سوشلزم جي جديد سوچ جو نتيجو نه آهي. پر انساني فطرت ۾ ئي آزادي جي محبت موجود آهي ۽ اهو تاريخ جي هر دور ۾ ڏسي سگهجي ٿو انسان جي ڪهاڻي پاڻ کي آزاد ڪرائڻ ۽ آزاد ٿيڻ جي جدوجهد ۾ ئي ختم ٿئي ٿي. بهرحال، فڪري اختلافن سبب آزاديءَ جي مقصد ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي طريقن ۾ فرق اچي سگهي ٿو ايستائين جو آزاديءَ جي باري ۾ ڪي خيال به ماڻهن کي غلاميءَ جي انتها ڏانهن وٺي ويندا آهن!

آزاديءَ سان وابستگيءَ جو سبب انسان ۾ فطري طور موجود آهي. هميشه انسان پنهنجي ارادي کي پورو ڪرڻ لاءِ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ انهيءَ ڪري هو آزادي چاهي ٿو. جيئن انسان پنهنجي عضون جي ناڪارا ٿيڻ کي ناپسند ڪندو آهي تيئن هو فطري طور پنهنجي مرضيءَ جي مطابق ڪم نه ٿيڻ کي ناپسند ڪندو آهي. بهرحال، شروع کان ئي انسان اهو سمجهندو رهيو آهي ته منظم سماج ۾ رهندڙ عام ماڻهوءَ کي مڪمل ۽ لامحدود آزادي نه هئڻ گهرجي. ڇو ته هر فرد جي مڪمل آزادي سماج ۾ رهندڙ ٻين ماڻهن جي آزادي کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙي ريت سماج جو نظام درهم برهم ٿي ويندو آهي. انسان کي پنهنجي حصي جي آزادي تڏهن ئي ملي سگهي ٿي، جڏهن هر ماڻهو ٻين جي آزادي ۾ مداخلت کان پاسو ڪري. ان لاءِ هن کي پنهنجي آزاديءَ کي ڪجهه حد تائين محدود ڪرڻو پوندو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح سماج ۾ ڪي اصول ٺاهيا ويندا آهن. جن جي ذريعي سماج ۾ نظم و ضبط قائم ٿيندو آهي.

تاريخ ۾ ڏنو ويو آهي دنيا ۾ آزاديءَ جي نالي تي انسان ذات کي وڏيون اذيتون پهتيون آهن. پنهنجي پيارن جي قرباني، گهرمان بي گهر ٿيڻ. هر انسان ڪهڙي نه ڪهڙي طريقي سان آزادي حاصل ڪرڻ چاهي ٿي جنهن ۾ ڳالهائڻ جي آزادي. اظهار خيال جي آزادي. جبر کان آزادي. ذهني توڙي جسماني غلامي کان آزاد شامل آهن. پر هن وقت ڪيترين ئي تنظيمون نوجوان نسل کي آزاديءَ جي نالي تي خواب ڏيکاري انهن کي غلط ۽ غير قانوني رستن تي لاهڻ ۾ مصروف آهن. جنهن سان نه صرف نوجوان کي جسماني طور تي نقصان رسي ٿو پر انهن جي ذاتي زندگين ۽ ذهني ڪيفيت تي ان جو وڏو اثر پئي ٿو خاص طور تي دنيا کان ناواقف نئين نسل کي ان مان وڏو نقصان رسيو آهي. آزادي جي نالي تي هلندڙ تنظيمن کي آزاديءَ سان ڪابه دلچسپي نه آهي پر انهن کي صرف پنهنجي ذاتي زندگين کي سکيور ڪرڻ لاءِ ٻين جي زندگين سان کيڏڻو پئي ٿو. ايتري تائين جو پنهنجي مفادن کي پورو ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي قرباني جو ٻڪرو بڻايو وڃو ٿو ۽ انهن جي زندگين جو نذرانو پيش ڪيو وڃي ٿو نوجوان نسل کي اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته دنيا صرف مفاد پرست آهي انهن کي توهانجي آزادي ۾ ڪا دلچسپي ناهي. آزادي حاصل ڪرڻ سڀ کان پهرين پنهنجي خواهش کان آزادي حاصل ڪرڻي پوندي آهي.

بقايا 01

عدالت فيصلي ۾ چيو آهي ته غير معمولي حالتن ۾ ٽرائيل جيل ۾ ڪري سگهجي ٿو. قانون موجب جيل ٽرائيل اوپن يا ان ڪيمرا ٿي سگهي ٿو، جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته 13 نومبر تي ڪابينه جي منظوري کان پوءِ جيل ٽرائيل جو نوٽيفڪيشن ماضي جي فيصلن تي لاڳو نه هوندو، عدالت آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج جي مقرري خلاف به فيصلو جاري ڪيو ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي جج جي مقرري کي صحيح قرار ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 02

ٻڌڻي ٿي، عدالت ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪندي نوازشريف جي اپيلن تي 27 نومبر تي دليل طلب ڪري ورتا، رپورٽ موجب اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف طرفان ايون فيلڊ ريفرنس ۽ العزيزيه ريفرنس ۾ سزا جي خلاف اپيلون داخل ڪيون ويون جنهن تي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل خصوصي بينچ اپيلن جي ٻڌڻي ڪئي، نوازشريف جا وڪيل امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ عدالت ۾ پيش ٿيا. اعظم نذير تارڙ چيو ته اسان هڪ سيڪوئنس تيار ڪيو آهي اسان پهريان ايون فيلڊ ريفرنس جي اپيل تي دليل ڏينداسين هڪ ڪيس ايون فيلڊ، ٻيو العزيزيه اسٽيل ملز ريفرنس آهي، چيف جسٽس پڇيو ته اوهان کي ڪيترو وقت گهرجي دليلن جي لاءِ؟ جنهن تي امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته شريڪ جوابدارن جي خلاف ايون فيلڊ ريفرنس ۾ فيصلو اچي چڪو آهي، سپريم ڪورٽ ۾ شريڪ جوابدارن جي بريت جي فيصلي کي چيلينج نه ڪيو ويو آهي. بريت جو فيصلو چيلينج نه ٿيڻ سبب اهو حتمي صورت اختيار ڪري چڪو آهي، چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته مان مريم نواز جي اپيل ٻڌي چڪو آهيان. جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب نوازشريف جي سزا معطلي جي درخواست ٻڌي چڪو آهي. العزيزيه ۾ صرف سزا معطلي جو معاملو ڏٺو هو اوهان ڪجهه وقت جي لاءِ العزيزيه کي وساري ڇڏيو. ايون فيلڊ ۾ اوهان کي 6 کان 8 ڪلاڪ دليلن جي لاءِ گهرجن. چيف جسٽس نيب کان به پڇيو ته نيب کي ڪيترو وقت گهرجي؟ جنهن تي نيب پراسيڪيوٽر چيو ته اسان جا دليل اڌ ڪلاڪ جا هوندا. اسان کي صرف قانوني نڪتا سامهون رکڻا آهن. چيف جسٽس چيو ته اسان اڌ ڪلاڪ کان 2 ڪلاڪ ٿا ڪري ڇڏيون. اسان ايندڙ سومر تي ٻڌڻي رکون ٿا اوهان جي ضرورت پئي ته روزاني جي بنياد تي ٻڌڻي ڪنداسين. اعظم نذير تارڙ چيو ته اهو بنيادي حقن جو معاملو آهي. اسان جي استدعا آهي ته اپيلن تي روزاني جي بنياد تي ٻڌڻي ڪئي وڃي. رڪارڊ جي ڳالهه آهي. عدالت جو هڪ منٽ به ضايع نه ڪنداسين. عدالت چيو ته اسان سومر تي ٻڌڻي رکون ٿا. مون کي ياد آهي ته اوهان دليلن جي شروعات پاناما فيصلي کان ڪئي هئي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب پڇيو ته اوهان نوازشريف جي نمائندگي ڪندو ان تي امجد پرويز چيو ته مان عدالت جي مدد ڪندس. اعظم نذير تارڙ چيو ته امجد پهرين ڏينهن کان اهو ڪيس ڪري رهيو آهي. پهريان خواجه حارث گڏ هو ان کان گهڻو ڪجهه سکيو آهي. چيف جسٽس چيو ته ايون فيلڊ ڪيس جي شروعاتي اپيلن جو فيصلو ڪندڙ بينچ ڪهڙو هو ان تي اعظم نذير تارڙ چيو ته اهي اپيلون جزوي طور تي ٻڌيون ويون. چيف جسٽس چيو ته العزيزيه ريفرنس اپيل ۾ هن کان پهرين بينچ ۾ ٻيا جج موجود هئا ته ان ڪيس جي حد تائين هيو بينچ جو ٿيو وڃي. اعظم نذير تارڙ چيو ته اسان ته ٻه رڪني بينچ ۾ بينچ جي سربراهه کي ئي ڏٺو آهي جنهن تي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب چيو ته 2 رڪني بينچ جي جوڙجڪ جو هڪ ئي مقصد هوندو آهي. جنهن کان پوءِ عدالت ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪندي نوازشريف جي اپيلن تي 27 نومبر تي دليل طلب ڪري ورتا، ٻڌڻي کان پوءِ نوازشريف هاءِ ڪورٽ مان روانو ٿيو ته هاءِ ڪورٽ جي ٻاهران (ن) ليگي ڪارڪنن نوازشريف جي حق ۾ نعريبازي پڻ ڪئي.

بقايا 03

راندين ڪي آٿت ڏيڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي، آءِ سي سي مينز ون ڊي ورلڊ ڪپ 2023 جي فائنل ۾ آسٽريليا ڀارت کي هارائي ڇهون ڀيرو عالمي چيمپيئن بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو ورلڊ ڪپ شاندار ڪارڪردگي سبب ميزبان جي هاڪ رهي ۽ اڳرٽا ڪرڪيٽر، تجزيه نگار ۽ مداح پراميد هئا ته ڀارت ٽيون ڀيرو عالمي چيمپيئن بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪري وٺندو پر ائين نه ٿي سگهيو فائنل شڪست ڪانپوءِ ڀارتي رانديگر انتهائي مايوس نظر آيا، محمد سراج ميدان ۾ پنهنجي جذبن تي ضابطو نه رکي سگهيو ۽ لڙڪ لاڙي ويٺو اهڙي صورتحال ۾ فائنل جي خاص مهمان ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي انعامي تقريب کانپوءِ ڀارتي ڊريسنگ روم جو دورو ڪيو جتي هن ڪرڪيٽرن کي آٿت ڏيندي سندن حوصلا بلند ڪيا، سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيو ۾ ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي روهت شرما، ويرات ڪوهلي کي چيو ته اوهان شاندار مقابلو ڪيو ۽ ڏهه ميچون کٽڻ به اعزاز جوڳي ڳالهه آهي، محمد شامي کي ڀاڪر پائيندي مودي عالمي ڪپ ۾ سندس ڪارڪردگي کي ساراهيو

بقايا 04

ڪراچي تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي، سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم سان تعلق رکندڙ شخصيتون اڄ پيپلز پارٽي ۾ آهن، پ پ سياسي سرگرميون تيز ڪيون آهن ته ايم ڪيو ايم جا ساٿي به پ پ ۾ شامل ٿي رهيا آهن. هاڻ ايم ڪيو ايم ماڻهن کي ڊيڄاري رهي آهي جيڪو مناسب نه آهي. سمورن شهرين ۽ سياسي ڪارڪنن کي آزادي حاصل آهي ته هو ڪهڙي پارٽي ۾ شموليت ڪن ٿا. ان موقعي تي ايم ڪيو ايم کي ڇڏي پ پ ۾ شامل ٿيندڙ خواجه سهيل منصور چيو ته ايم ڪيو ايم جي ماڻهن پنهنجن گهرن تي لوٽا لٽڪايا، منهنجي خيال ۾ هي پنهنجو چونڊ نشان به اهوئي رکندا. ايم ڪيو ايم جا ماڻهو بوکلاهٽ جو شڪار آهن. ڪراچي جي حقيقي پارٽي پيپلز پارٽي آهي. هر شخص پنهنجي دل سان شموليت ڪري رهيو آهي ڪنهن کي به هٿيارن جي زور تي گاڏي ۾ ناهي آندو ويندو مزمل قريشي چيو ته اسان سڀني کي اهو حق حاصل آهي ته ڪنهن به پارٽي ۾ شموليت ڪريون. ايم ڪيو ايم مان وڌيڪ ماڻهو ٻين پارٽين ۾ شامل ٿيندا. ڪراچي جي ماڻهن کي خبر آهي ته انهن کي ڪهڙي طرف وڃڻو آهي. سيف يار خان چيو ته اسان جي پنهنجي سڃاڻپ آهي. اسان شهري ۽ ڏورآهين علائقن جو فرق ختم ڪرڻ چاهيون ٿا. ڌمڪي وارن روين جي باري ۾ جوان ٿو جتان کان اوهان پڙهيا آهيو اسان به اتان کان ئي پڙهيا آهيون. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ايم ڪيو ايم جي اڳوڻي ايم پي اي وسيم قريشي به ايم ڪيو ايم کان رستا ڌار ڪري پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو هو.

بقايا 05

اڏيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر علي ظفر چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين وڪيلن جي ڪارڪردگي مان مطمئن آهي، هن جلسا، جلوس ۽ ڪارنر گڏجاڻيون فوري طور تي شروع ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي، هن چيو ته پي ٽي آءِ جو پهريون جلسو پهرين ڊسمبر تي پشاور ۾ ٿيندو ۽ پارٽي جلد سڄي ملڪ ۾ جلسن جي شيڊول جو اعلان ڪندي، جيڪڏهن جلسن ۾ رنڊڪ وڌي وئي ته سپريم ڪورٽ وينداسين. ان موقعي تي شير افضل مروت چيو ته عمران خان خاور مانيڪا جي بيان کي ڪوڙو قرار ڏنو آهي. هن چيو ته ملڪ کي جمهوريت جي بجاءِ تنزلي طرف ڌڪيو پيو وڃي، تحريڪ انصاف کي ماڻس ڪرڻ ۽ اڳواڻن جي گهريلو معاملن ۾ بنا ڪنهن جواز جي مداخلت ڪئي پئي وڃي.

بقايا 06

ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي جڏهن ته پراسيڪيوٽر جنرل نيب سيد احتشام شاهه لاءِ 16 لک 58 هزار رپيه پگهار ۽ ٻين مراعتن جي منظوري ڏني وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته نيب جي ڊپٽي چيئرمين کي 500 ليٽر پيٽرول، بجلي، گيس ۽ ٻيا الائونس هاءِ ڪورٽ جي جج جي برابر ملندا، جڏهن ته پراسيڪيوٽر جنرل نيب کي 600 ليٽر پيٽرول، گاڏي ڊرائيور سميت، بجلي، گيس ۽ ٻيا الائونس سپريم ڪورٽ جي جج جي برابر ملندا، ذريعن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته ڊپٽي چيئرمين نيب ۽ پراسيڪيوٽر جنرل نيب کي ريڪوري تي بونس به ڏنو ويندو، ذريعن موجب قانون واري وزارت جي سمري تي وفاقي ڪابينه کان سرڪيوليشن ذريعي منظوري حاصل ڪئي وئي، نيب چيئرمين نذير احمد جي سفارش تي پگهارن ۽ ٻين مراعتن جي منظوري ڏني وئي.

بقايا 07

آهي، غزه ۾ انڊونيشين اسپتال تي بمباري جي نتيجي ۾ ڊاڪٽرن سميت 14 فلسطيني شهيد ٿي ويا، اسرائيلي فوج جي ٽينڪن اسپتال جو گهيراءُ ڪري ورتو آهي، چوڌاري بمباري ڪئي پئي وڃي، اسپتال جو جنريٽر به بند ڪيو ويو آهي، اتر غزه ۾ اهو آخري فعال اسپتال بچيو هو جنهن جو به اسرائيلي فوج گهيراءُ ڪري ورتو آهي، ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي فوج هن اسپتال ۾ به ساڳيو ڪم ڪرڻ چاهي ٿي جيڪو هن الشفا اسپتال ۾ ڪيو حماس حڪومت موجب غزه ۾ اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 13 هزار 300 ٿي ويو آهي جن ۾ 5600 ٻار ۽ 3550 عورتون شامل آهن ٻئي پاسي گڏيل قومن جي سربراهه انتونيو گوتيرس چيو آهي ته 2017 ۾ عهدو سنڀالڻ کان پوءِ هن شهرين جو ايترو وڏي پيماني تي قتل عام نه ڏٺو آهي، اسرائيلي فوج جي بمباري سبب غزه ۾ تمام گهٽيون فوٽيجون ٿيون آهن.

بقايا 08

جوانن سان ملاقات ڪئي ۽ جوانن جي جذبي، آپريشنل ڪارڪردگي ۽ پيشيورانه مهارت کي ساراهيو ان موقعي تي آرمي چيف چيو ته امن جي وقت ۾ حقيقت پسندانه مشن تي ٻڌل تربيت جنگ جي ميدان ۾ بهترين ڪارڪردگي جي ضمانت ٿي سگهي ٿي.

بقايا 09

اهميت ڏني آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري سرگرميون وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته اسلام آباد کان تهران تائين روڊ ۽ ريل منصوبو ٻنهي ملڪن جي عوام کي ويجهو آڻيندو.

بقايا 10

نئين بلند ترين سطح تي پهچي وئي. ڪاروبار جي شروعات تي هنڊريڊ انڊيڪس ۾ 505 پوائنٽن جي واڌ ڏني وئي. جنهن ڪانپوءِ اسٽاڪ مارڪيٽ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح 57 هزار 501 پوائنٽن جي سطح کي ڇهي ورتو.

بقايا 11

ڪيو ويو دستاويز موجب گهرو ڪاتي نادرا کي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن ۽ جعلي پي او آر، افغان ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ لاءِ نادرا کي خط لکيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نادرا جعلي پي او آر ڪارڊ، افغان ڪارڊ ۽ جعلي پاڪستاني سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا آهن. دستاويز موجب پشاور ۾ 9 هزار 720 غير قانوني رهندڙ ماڻهن جي ميپنگ جو عمل به مڪمل ٿي ويو ۽ بلاڪ ڪارڊن جي تفصيلن جي حوالي سان سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي 5 ڏينهن جي آخري ڊيڊ لائن ڏني وئي آهي.

بقايا 12

اها ملڪ جي خلاف سازش هئي، عليمه خان چيو ته عمران تي موت جي سزا جو ڪيس ٺاهيو ويو آهي جنهن جو مقصد ڪيس موت جي سزا ڏيڻ آهي. اڏيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پيغام ڏنو آهي ته ڊونلڊ لو ۽ باجوه ملي سندس حڪومت ڪيرائي اها ملڪ جي خلاف سازش هئي. عمران خان چوي ٿو ته مون ماڻهن کي ٻڌايو هو ته ملڪ جي خلاف سازش آهي ان جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ هڪ سال ۾ معاشي تباهي ٿي جنهن سبب عوام کي نقصان برداشت ڪرڻو پيو عليمه خان چيو ته اڄ مهانگائي انهي جي ڪري آهي 15 لک نوجوان ملڪ ڇڏي چڪا آهن. نئين حڪومت ناهي پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ موت جي سزا جو ڪيس بنايو ويو ۽ هن وقت به هنن جو مقصد اهو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي موت جي سزا ڏياري وڃي. هن چيو ته آمريڪا ۾ ڪونايل اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جيڪا به اعتماد جي رٽ ايندي ان کي ڪامياب ڪرائڻو آهي جيڪڏهن انصاف جون گهرجون پوريون نه ڪيون ويون ته آمريڪا ۾ ڊونلڊ لو جي خلاف ڪيس داخل ڪنداسين. عليمه خان وڌيڪ ٻڌايو ته پي ٽي آءِ چيئرمين چيو آهي ته نيب وارا 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل جي جاچ لاءِ ايندا آهن ويهندا آهن ۽ واپس هليا ويندا آهن. اڄ به جيل وياسين ته ڪجهه پرڏيهي جيل اندر ويل هئا پر اهي پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملڻ نه آيا هئا.

بقايا 13

جي عالمي مقابلن ۾ حصو نه وٺي سگهندا، ڊينيئل ميڪ گيهي، جيڪا هالنڊ سال جي شروعات ۾ عالمي ڪرڪيٽ ۾ شامل ٿيڻ واري پهرين ٽرانس جينڊر پليئر بڻجي هئي، آءِ سي سي جي صنفي قابليت جي ضابطن ۾ اهم تبديلي ڪانپوءِ هاڻي عورتن جي بين الاقوامي مقابلن ۾ حصو نه وٺي سگهندي، ڪرڪ انفو جي رپورٽ موجب، آءِ سي سي بورڊ پاران منظور ڪيل نون ضابطن تحت، ڪو به راندليگر جيڪو مرد مان عورت ڏانهن منتقل ٿيو آهيان کي عورتن جي انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي، آسٽريليا ڄائي 29 سالا بيٽر ميڪ گيهي تي 2020ع ۾ ڪئناڊا منتقل ٿي ۽ 2021ع ۾ جنس تبديل ڪرائي پاڻ کي مرد مان عورت بڻائي، جنهن ۾ سيپٽمبر 2023 ۾ ڪئناڊا لاءِ عورتن جي ٽي 20 آمريڪي ڪواليفائر ۾ حصو ورتو، ميڪ گيهي جنس تبديل ڪرائڻ بعد هن هينئر تائين ڇهه ٽي 20 ميچون کيڏيون آهن، 19.66 جي ايوريج ۽ 95.93 جي اسٽرائڪ ريٽ سان 118 رنسون ٺاهيون آهن ڪرڪ انفو جي رپورٽ ۾ چئايو ويو آهي ته آءِ سي سي راندين جي اسٽيڪ هولڊرز سان 9 مهينن جي مشاورت کانپوءِ نئين پاليسي کي حتمي شڪل ڏني وئي جنهن تحت هاڻ ٽرانس جينڊر عورتن جي عالمي مقابلن ۾ حصو نه وٺي سگهندا.

بقايا 14

۾ آهي جنهن ۾ هو ڪيترائي سال اڳ اهو چئي رهي آهي ته عمران خان جي گهر ۾ هڪ پنڪي پيرڻي ايندي آهي ۽ عمران خان ان کان جادو ٽيڻو ڪرائيندو آهي.

بقايا 15

دورو ڪيو عمر سومرو جي آمد تي چيف سي پي ايل سي سنڌ زبير حبيب سي پي ايل سي سنڌ جي اعليٰ عملدارن سان گڏ آجيان ڪئي، سنڌ جي قانون واري وزير کي سي پي ايل سي جي مختلف ڪاتن، سي آر سي سميت آئي ٽي سيڪشن، ڊجيٽل ڊيٽا اينالائسز ۽ سي پي ايل سي جي 24/7 ڪال سينٽر جو دورو ڪرايو ويو قانون واري وزير سي پي ايل سي جي ڪم ۽ آپريشنز ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو صوبائي وزير کي سي پي ايل سي جي ڊيٽا مئنيجمينٽ، ان جي تجزيي ۽ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان تعاون بابت بريفنگ ڏني وئي. صوبائي وزير کي سي پي ايل سي/ پوليس جي گڏيل آپريشنز ڏوهن جي ڪيسن کي منهن ڏيڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، صوبائي وزير کي شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل مختلف منصوبن بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي، ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هلندڙ سي پي ايل سي نيبر هوڊ ڪيئر پروجيڪٽ کي پڻ لاڳاپيل علائقن ۾ ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪميونٽي ۽ پوليس جي پائيداري جو هڪ بهترين مثال قرار ڏنو ويو سي پي ايل سي جي سڃاڻپ ۽ زينب الرٽ جي قدمن تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، قانون واري وزير سي پي ايل سي جي ڪم ۽ ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سماج مان ڏوهاري عنصرن جي خاتمي لاءِ هڪ ڊگهي مدي واري حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. اهڙين ڪوششن جي ضرورت آهي ته جيئن شهرين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ لاڳاپن کي هٿي وٺرائي وڃي.

بقايا 16

پيءُ بابت چيو ن ليگ قائد نواز شريف سان ملاقات کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي فضل الرحمان چيو ته ميان صاحب مون وٽ دعا ڪرڻ آيو هو، اسان گڏجي هن ملڪ لاءِ ڊگهي جدوجهد ڪئي آهي. اسان هڪ ناجائز حڪومت خلاف به گڏ رهيا آهيون. اڄ به ڪيوسين ته اڳتي به گڏجي هلنداسين، چونڊ معاملن ۾ به ايڊجسٽمينٽ ڪنداسين. هن بلاول جي بيان جو رُخ آصف زرداري ڏانهن موڙيندي چيو ته اسان کي پ پ خلاف انتهاپسند رويو اختيار ناهي ڪرڻ ٻار ۽ وڏي جي ڳالهه ۾ فرق هوندو آهي. اسان ايندڙ چونڊن کي تڪراري نٿا بڻائڻ چاهيون. هي ملڪ ڪي به تڪراري چونڊون برداشت نٿو ڪري سگهي.

بقايا 17

ورچوئل خطاب ۾ سعودي ولي عهد چيو ته غزه جي پٽي مان فلسطينين کي جبري بي دخل ڪرڻ ناقابل قبول آهي. 1667 جي حدن جي بنياد تي آزاد فلسطيني رياست جو قيام ناگزير آهي. محمد بن سلمان وڌيڪ چيو ته هو سمورن ملڪن کان مطالبو ڪري ٿو ته غزه تي حملا روڪڻ لاءِ اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي بند ڪري. سعودي ولي عهد غزه جي پٽي تي اسرائيلي حملن جي سخت مذمت ڪندي چيو ته غزه ۾ انساني امداد فوري طور پهچايو وڃي. هن چيو ته غزه جي پٽي مان فلسطينين جي جبري بي دخلي ناقابل قبول آهي. فلسطين مسئلي جي حل لاءِ جامع امن ڳالهيون شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. سعودي ولي عهد چيو ته اسرائيل کي غزه پٽي ۾ فوجي آپريشن فوري طور بند ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب ڇڪتاڻ جي پهرين ڏينهن کان ئي شهرين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو هو.

بقايا 18

شيخ حجري مبارڪ جي سار سنڀال تي مقرر هو شيخ عبدا علي جي ذمي مسجد نبوي صہ کولڻ، بند ڪرڻ، روش ۽ عطر ڪرڻ به هو رپورٽ موجب شيخ عبدا علي جي جنازي نماز مسجد نبوي صہ ۾ ادا ڪئي وئي.

بقايا 19

وارو عالمي ڪپ 10 ٽيمن جو ڪرائڻ چاهي ٿو انڪري ڀارتي ڪرڪيٽ بورڊ (بي سي سي آءِ) انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي، پر آءِ سي سي اڃا تائين ڀارتي مطالبي تي راضي نه ٿيو آهي، برطانوي اخبار موجب، آءِ سي سي ٻه سال اڳ 2027ع واري عالمي ڪپ لاءِ ٽيمن جو انگ 14 ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪو آهي جڏهن ته ٽورنامينٽ فارميٽ جي بنياد تي نشرياتي حق به وڪرو ڪري ڇڏيا آهن، واضح رهي ته ڀارت ۾ ٿيل ورلڊ ڪپ 2023ع جو فارميٽ ڏهن ٽيمن تي ٻڌل هو. 2027ع وارو آءِ سي سي مينز ون ڊي ورلڊ ڪپ ڏکڻ آفريڪا، زمبابوي ۽ نميبيا ۾ کيڏيو ويندو، ايونٽ ۾ 14 ٽيمن وچ ۾ 54 مقابلا ٿيندا، ڀارت جو ضد آهي ته ورلڊ ڪپ ۾ ڏهه ٽيمون شامل ڪيون وڃن، بي سي سي آءِ پاران آءِ سي سي اجلاسن دوران اهو معاملو اٿارڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. برطانوي اخبار موجب، 14 ٽيمن جو مطلب ٽيمن کي 7،7 جي ٻن گروپن ۾ ورهايو ويندو، هر گروپ جون ٽاپ ٽي ٽيمون سپر سڪس مرحلي لاءِ ڪواليفاءِ ڪنديون ۽ پوءِ سيمي فائنل ۽ فائنل ٿيندو 14 ٽيمن جي شموليت سان ميچون ته وڌيڪ ٿينديون، ڀارتي براڊ ڪاسٽرز کي ڊپ آهي ته ان فارميٽ سبب ڀارت جلد ورلڊ ڪپ مان ٻاهر ٿي سگهي ٿو جنهن سبب سندن ويور شپ گهٽجڻ ۽ مالي نقصان ٿي سگهي ٿو. ياد رهي ته ورلڊ ڪپ ۾ ڀارت ميچن جي ويور شپ رڪارڊ سطح تي رهندي آهي.

بقايا 20

مان به ڪاميابي ماڻيندي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران راڻا ثناءَ الله چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ مير صادق ۽ مير جعفر جا لقب ڏنا ويا، پاڪستان کي ترقيءَ جي پٽڙيءَ تان لاٿو ويو هن چيو ته نواز شريف اڳ به ملڪ کي بحرانن مان ڪڍيو هو ۽ هاڻي به ڪڍي ڏيکاريندو ن ليگ جي سينيٽر عرفان صديقي به بلاول جي خطاب تي ردعمل ۾ چيو ته بلاول سمجهي ٿو ته اليڪشن جا نتيجا طئي ٿي چڪا آهن ته پوءِ گهر وڃي ويهي رهي، بلاول آڏو سنڌ جي خراب ڪارڪردگي وات ڦاڙي بيٺل آهي. 15 سالن کان پيپلزپارٽي جي جهرلي ڪارڪردگي کان خالي رهي آهي.

بقايا 21

پهريان ڪنهن به نوجوان شاگرد وٽ ليپ ٽاپ هجڻ هڪ خواب هو پر هاڻي هر شاگرد جي ضرورت آهي. اها ڳالهه سيڪريٽري اطلاعات ڪاتو سنڌ، نديم الرحمان ميمڻ، وزيراعظم پاڪستان جي ليپ ٽاپ اسڪيم فيز ٽري تحت سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي. سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نديم الرحمان ميمڻ چيو ته هن اسڪيم تحت پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا پيا وڃن جنهن سان پڙهائي ۾ مقابلي جو رجحان وڌندو ۽ هن جديد دور ۾ جيڪو شاگرد ذهين، باصلاحيت ۽ هنرمند هوندو اهوئي ڪاميابي ماڻيندو. هن چيو ته هي دور ڪمپيوٽر، آرٽيفيشل انٽيليجنس جو دور آهي ۽ دنيا ۾ کاڌ خوراڪ جا ذريعا وڌائڻ ۽ زرعي شين ۾ پاڻ ڀرو ٿيڻ لاءِ شاگردن کي تحقيق ڪرڻي پوندي، جنهن لاءِ هي ليپ ٽاپ سندن مددگار ثابت ٿيندا. سيڪريٽري اطلاعات سنڌ چيو ته زرعي شاگرد جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪراپ پراڊڪشن، سوائل مينيجمينٽ، ايگري بزنس ۾ بهتري آڻي سگهن ٿا. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو ته وزيراعظم جي ليپ ٽاپ اسڪيم تحت زرعي يونيورسٽي جي 1025 پوزيشن هولڊرس ۾ ليپ ٽاپ تقسيم ڪري چڪا آهيون، هن چيو ته ليپ ٽاپ جي مدد سان شاگردن کي ريسرچ ڪرڻ، نئين ٿيندڙ ريسرچ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته هو يونيورسٽي ۾ ٽيڪنالاجي جي مدد سان سمارٽ ڪلاس، اي آفيس متعارف ڪرائي رهيا آهي. ريجنل ڪوآرڊينيٽر وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم منظور علي رند چيو ته هيل تائين ٽري فيزن ۾ پاڪستان ۾ پنج لک ليپ ٽاپ شاگردن ۾ تقسيم ڪيا ويا آهن جن ۾ هڪ لک ليپ ٽاپ سنڌ جي يونيورسٽين جي شاگردن کي ڏنا ويا آهن. هن چيو ته اڄ زرعي يونيورسٽي 145 شاگردن ۽ مجموعي طور ٽئين فيز ۾ 1025 شاگردن کي ليپ ٽاپ ۾ تقسيم ڪري رهيا آهيون تقريب کي ريجنل ڊائريڪٽر ايڇ اي سي جاويد علي، ڊين سوشل سائنس اعجاز علي کونهارو ۽ ٻين خطاب ڪيو. تقريب جي آخر ۾ سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نديم الرحمان ميمڻ، سنڌ زرعي يونيورسٽي جي شاگردن محمد عمران، جواد علي، مينيزه، زينب سحر، احمد رضا، حسيب، فرحان علي، رميزراجه، ثمرعلي ۽ ٻين ۾ ليپ ٽاپ تقسيم ڪيا.

بقايا 22

پئي وڃي. ان سلسلي ۾ بجلي جي قيمت 3 روپيه 53 پئسا في يونٽ وڌائڻ جو امڪان آهي سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) طرفان بجلي مهانگي ڪرڻ جي لاءِ نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. 3 روپيه 53 پئسا في يونٽ جو اضافو آڪٽوبر 2023 جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ گهريو ويو آهي بجلي وڌيڪ مهانگي ڪرڻ جي سي پي پي اي جي درخواست تي نيپرا 29 نومبر ٻڌڻي ڪندو. ذريعن موجب قيمتن ۾ اضافي جو جي ايس ٽي سميت بجلي صارفين تي تقريبن 40 ارب رپين جو بار پوندو بجلي جي قيمت ۾ واڌ جو اعلان ڪي اليڪٽرڪ جي صارفين تي نه هوندو.

بقايا 23

اپر ڊير ۾ ورڪرز ڪنوينشن سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته حڪمرانن کي عوام جي تڪليف جو احساس ناهي. ملڪ ۾ نفرت ۽ ورهاست جي سياست ٿي رهي آهي. هن سان ملڪ ۽ عوام جو نقصان ٿي رهيو آهي. انهن سنگين مسئلن مان اسان سڀني کي نڪرڻو پوندو، سنجيدگي سان ڪم ڪيو وڃي ته مسئلن مان نڪري سگهون ٿا. هن چيو ته مسئلو سياستدانن جي پاڻ ۾ ويڙهه ۽ انا جو آهي. اسان عوام کي سهولتون ڏينداسين. اسان جو اتحادي اهو آهي. جيڪو ووٽ ۽ پارليامينٽ جي عزت جي ڳالهه ڪندو. پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍڻو آهي ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪرڻو آهي. پنجاب ۽ لاهور جي سياستدانن جي سياست آهي ته "يا مان کيڏندس يا ڪنهن کي کيڏڻ نه ڏيندس". سندس چوڻ هو ته بزرگ سياستدان سياست بدران ذاتي دشمني تي لهي پيا آهن. منهنجو عوام سان واعدو آهي ته 18هين ترميم تي صحيح طريقي سان عمل ڪرائينداسين. جيڪو ڪم 18هين ترميم موجب ناهي، اهو بند ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيل ۾ موجود پي ٽي آءِ چيئرمين تي تنقيد ڪرڻ ۾ مزو ناهي، پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان موقعو ملي ويو ته هو حساب وٺندو. منهنجي نظر ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ پي ڊي ايم حڪومت جو اهوئي مسئلو هو. اهي ماڻهن جي مدد بدران پنهنجي ويڙهه ۽ ذاتي مفاد ۾ لڳل رهيا.

بقايا 24

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڇاڙي تي هڪ آمريڪي ڊالر 285 رپين 9 پئسن جو آهي. ڊالر 18 پئسا سستو ٿيو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 25 پئسا گهٽجڻ کانپوءِ 287 رپيا 25 پئسا تي ويو آهي.

بقايا 25

آف پيپلز اسڪول پروگرام (PSP) تي ساليانئي جائزي ڪانفرنس دوران معياري تعليم لاءِ پنهنجي غير متزلزل عزم کي ورجايو ڪانفرنس ڪراچي جي فيئرجرم پروفيشنل ڊولپمينٽ سينٽر ۾ ٿي، تعليم واري وزير چيو ته سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جامشورو پاران ايندڙ جمعي تي درسي ڪتاب ايس اي ايف حوالي ڪيا ويندا. پيپلز اسڪول پروگرام، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، سنڌ حڪومت جو هڪ قدم، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ با مقصد تعمير ڪيل جديد اسڪولن جون عمارتون. ڪاميابيءَ سان هلايون پيون وڃن. هن وقت مختلف ضلعن ۾ 34 PSP اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. تعليمي ماهر ڊاڪٽر فاطمه دار ساليانئي ڪوالٽي ايشورنس فريم ورڪ جي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ پي ايس پي اسڪولن ۾ معياري تعليم جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايندڙ حڪمت عملي جي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. تقريب ۾ سيف جي ساٿي تنظيمن شرڪت ڪئي. تعليم واري وزير رعنا حسين هڪ تعليمي ماهر جي حيثيت سان پنهنجي عزم تي زور ڏنو ۽ آن خال کي پار ڪرڻ ۽ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اجتماعي ڪوشش جي ضرورت جو اظهار ڪيو تعليم واري وزير تي زور ڏنو ته گڏجي اسان تبديلي آڻي سگهون ٿا. مئنيجنگ ڊائريڪٽر عبدالڪبير قاضي وڏندڙ داخلاءَ سيف جي اهم ڪردار تي روشني وڌي هن اسڪولن کي درپيش مسئلن جو اعتراف ڪيو ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ منصوبابندي جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته "مثبت اشارن سان، اسان کي يقين آهي ته وقت اچڻ تي اسان پنهنجا مقصد حاصل ڪري وٺنداسين. ڪانفرنس جي پڇاڙي مستقبل جي منصوبي جي حوالي سان منصوبا بندي تي ختم ٿي، جنهن ۾ فائونڊيشن ۽ پارٽنر تنظيمن جي ڪردار کي مضبوط ڪرڻ، ڪلسٽر ۽ ڪارڪردگي جي نگراني، مسلسل پيشه ورانه ترقي، TCT انضمام، QAF سان اسڪول لاءِ اسٽريٽجڪ منصوبن جو هڪ سلسلو ۽ لچڪ ۽ مطابقت کي فروغ ڏيڻ شامل رهيا.

بقايا 26

عدالت ڪيس جي گواهن کي 16 ڊسمبر تي بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي لاءِ طلب ڪري ورتو جوابدارن کي گذريل ٻڌڻي تي چالان جون ڪاپيون ورهايون ويون هيون. ياد رهي ته جوابدارن جي خلاف سرور روڊ ٿاڻي ۾ 2 ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا 27

مارجي ويا، ٻئي طرف ڏکڻ وزيرستان جي علائقي ڪوٽ اعظم ۾ ڪيل ڪارروائي دوران هڪ ٻيو دهشتگرد مارجي ويو آءِ ايس پي آر موجب دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز سان گڏوگڏ معصوم شهرين جي خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروايون ۾ سرگرم رهيا، مارجي ويل ٽنهي دهشتگردن کان هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ آيو آهي ٻئي پاسي اتر وزيرستان جي علائقي غور يوم ۾ هڪ ديسي بم ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ فوجي جوان شهيد ٿي ويو، شهيد ٿيل 26 ورهين جي سپاهي شاهزيب جو تعلق راولپنڊي سان هو.

بقايا 28

ذميوار سندن والدين کي قرار ڏئي ڇڏيو اڳاري تي ڀارتي سپريم ڪورٽ ۾ شاگردن جي آپگهات جو ذميوار ڪوچنگ سينٽرن کي قرار ڏيڻ جي معاملي تي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران سپريم ڪورٽ چيو ته ادارا نه والدين ڏوهي آهن، جيڪي ٻارن تي غير ضروري دٻاءُ وجهندا آهن، جسٽس سنجيو کنه ۽ ايس وي اين ڀٽي تي ٻڌل ڊويزن بئنچ چيو ته ڪوٽا ڪوچنگ انسٽيٽيوٽ کي ذميوار قرار نٿو ڏئي سگهجي، والدين انتهائي مقابلي جي ماحول ۾ پنهنجي ٻارن تي غير ضروري دٻاءُ وجهندا رهيا آهن، جنهن سبب شاگرد پنهنجون زندگيون ختم ڪري رهيا آهن. ڪوٽا ڀارتي رياست راجستان ۾ هڪ علائقو آهي، جنهن کي ڀارت جو ڪوچنگ هب چيو ويندو آهي. اتي وڏين يونيورسٽين ۾ داخلائن لاءِ تياري ڪرائي ويندي آهي. ڪيترن ئي شاگردن ڪوٽا ۾ وڌيڪ دٻاءُ سبب آپگهات ڪيا آهن. راجستان جي ڪوٽا ضلعي ۾ هن سال تقريبن 24 آپگهاتن جا اطلاع مليا آهن. جتي اسڪول ويندڙ ٻارن کي انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ڪوچنگ فراهم ڪندڙ ادارا آهن. بئنچ چيو آپگهات ان ڪري ٿي رهيا آهن ته ٻار پنهنجي والدين جي اميدن تي پورا نٿا لهي سگهن. مرندڙن جو انگ ان کان وڌيڪ به ٿي سگهي ٿو.

بقايا 29

وڃي جو عوام جنرل يحيٰ جي ڪرايل اليڪشن جيان ياد رکيهالا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مخدوم جميل الزمان چيو ته مون کي لڳي ٿو ته اليڪشن ڪانپوءِ بلاول ڀٽو زرداري ۽ نواز شريف گڏجي حڪومت ٺاهيندا هن چيو ته عوام جي اعتماد جي بحالي لاءِ ضروري آهي ته اليڪشن شفاف ڪرائي وڃي.

بقايا 30

۾ جاري ڪرپشن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي بار ايسوسي ايشن جي مئنيجنگ ڪميٽي جي وفد سان وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات دوران ڪيو وفد جي ميمبرن ۾ صدر عامر سليم، محمود الحسن، ممتاز مهدي، وقار عباسي، محترم صبيح محمود ۽ ٻيا شامل هئا. ڪي بي اي جي ميمبرن وڏي وزير کي ٻڌايو ته سب رجسٽرار آفيسن ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن آهي جتي رشوت ڪانسواءِ ڪوبه ڪم نٿو ٿئي. وڌيڪ ٻڌايو ته تعلقي صدر ڪراچي جي مختيارڪار جي آفيس ۾ هڪ ريٽائرڊ مختيارڪار پنهنجو دٻدٻو قائم ڪيو آهي. وڏي وزير ايس ايم بي آر زاهد عباسي کي هدايت ڪئي ته ڪرپٽ سب رجسٽرارن ۽ مختيارڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هن ايس ايم بي آر کي هدايت ڪئي ته ريٽائرڊ، پرائيويٽ ۽ ڪرپٽ ماڻهن کي سمورين آفيسن کان پاڪ ڪيو وڃي. ايس ايم بي آر زاهد عباسي چيو ته هو ڪراچي بار جي ميمبرن سان ملاقات ڪري ڪين شڪايتن تي عمل ڪندو ڪراچي بار جي ميمبرن شڪايت ڪئي ته بار جي ڊسپينسري ۾ دوائون نه آهن ۽ گٽرن جو گندو پاڻي سٽي ڪورٽ پرسان رستن تي وهي رهيو آهي. وڏي وزير ڪي ايم سي کي هدايت ڪئي ته سٽي ڪورٽ پرسان ٽٽل روڊ جي تعمير ڪئي وڃي ۽ نيڪالي جي سسٽم کي درست ڪيو وڃي. هن سيڪريٽري صحت کي ڪراچي بار ڊسپينسري کي دوائون ۽ ريسڪيو 1122 کي ايمبولينس فراهم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي.

بقايا 31

محمود عباس سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي ايوان صدر پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر عارف علوي چيو ته فلسطين مسئلي جو ٻه رياستي حل ته ٿو نڪري ته هڪ رياستي حل ٿي سگهي ٿو. پاڪستان ڪڏهن به اڪيلي اسرائيلي رياست وارو حل قبول نه ڪيو آهي. چيو ته اهڙي بيان تي صدر جي استعيفا جو مطالبو ڪيائون ٿو. صدر جي بيان تي نقصان جو ازالو ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وزارت ڇا ڪيو؟ پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني چيو ته صدر جي بيان تي پرڏيهي وزارت جو موقف نه ورتو ويو. خبر نه آهي ته صدر اها ڳالهه ڪهڙي تناظر ۾ ڪئي صدر جي بيان تي اسان کي وضاحت جاري ڪرڻي پئي. پاڪستان جي فلسطين مسئلي تي پوزيشن ٻه رياستي حل جي حمايت واري رهي آهي.

بقايا 32

۾ جسٽس اطهر من الله تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ اڳوڻي صدر مرحوم پرويز مشرف جي سزا بابت اپيلن تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن سلسلي ۾ اڳوڻي صدر جي وڪيل سلمان صفدر دليل ڏنا. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وڪيل کي چيو ته توهان کي پرويز مشرف پاڻ وڪيل مقرر ڪيو هو، جاهيو ته اپيل جي پيروي ڪري سگهو ٿا، ان تي سلمان صفدر چيو ته مون کي هدايتون ناهن. جيڪڏهن وڌيڪ هفتو ڏيو ته گهر ڀاتين سان رابطي جي ڪوشش ڪندس، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته هي ڪو سول ڪيس ناهي جو توهان کي هدايتون کپن. هيءَ ڪرمنل اپيل آهي، جنهن جي عدم پيروي تي خارج ٿيڻ سان ناڪاري اثر ويندو. هن عدالت هاڻ وقت ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي. جسٽس اطهر من الله چيو منهنجي ذاتي راءِ ۾ پرويز مشرف جي سزا وارو فيصلو موجود آهي. معطل ناهي ٿيو، پرويز مشرف خلاف فيصلي جي صورت ۾ ان جي پينشن ۽ مراعتن جو معاملو اٿندو، چيف جسٽس وڪيل کي چيو ته سزا ختم ٿيڻ واري معاملي تي مدد ڪيو ڇا خاص عدالت تي فوجداري ضابطو لاڳو ٿيندو آهي؟ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وڌيڪ چيو اميد ته توهان مائينڊ نه ڪندئو پر اسان کي توهان مان اها اميد نه هئي. توهان دير جي درخواست ڏئي ڇڏيو ها، 4 سالن کانپوءِ اپيل لڳي ته توهان وقت گهري رهيا آهيو. ان تي وڪيل چيو ته مون کي رڳو هڪ هفتي جي مهلت گهرجي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ايندڙ ٻڌڻي تي پرويز مشرف جا وارث پاڻ پيش ٿين يا حلفي بيان جمع ڪرائين. عدالت سلمان صفدر کي پرويز مشرف جي وارثن جي ايڊريس ۽ فون نمبر ڏيڻ جي هدايت ڪئي. جنهن تي وڪيل ٻڌايو ته مشرف جي ٻيواهه ۽ پٽ دبئي ۾ آهن. سندس ڌيءَ ڪراچي ۾ آهي. انهن سان ڪو رابطو ناهي. چيف جسٽس چيو ته عدالت کي ڌيءَ جو پتو ۽ فون نمبر ڏنو وڃي، عدالت وارثن کي واٽس ايپ تي به نوٽيس موڪليندي، توهان دير تي زور ڏئي رهيا آهيو ته اسان ملتوي ڪيون ٿا پر اسان اهو خوشي سان نه پيا ڪيون. پوءِ عدالت سلمان صفدر کي پرويز مشرف جي گهر ڀاتين کان هدايتون وٺڻ لاءِ مهلت ڏئي ڇڏي.

بقايا 33

کي نڪرڻو پوندو، سنجيدگي سان ڪم ڪيو وڃي ته مسئلن مان نڪري سگهون ٿا. هن چيو ته مسئلو سياستدانن جي پاڻ ۾ ويڙهه ۽ انا جو آهي، اسان عوام کي سهولتون ڏينداسين. اسان جو اتحادي اهو آهي، جيڪو ووٽ ۽ پارليامينٽ جي عزت جي ڳالهه ڪندو. پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍڻو آهي ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪرڻو آهي. پنجاب ۽ لاهور جي سياستدانن جي سياست آهي ته "يا مان کيڏندس يا ڪنهن کي کيڏڻ نه ڏيندس". سندس چوڻ هو ته بزرگ سياستدان سياست بدران ذاتي دشمني تي لهي پيا آهن. منهنجو عوام سان واعدو آهي ته 18هين ترميم تي صحيح طريقي سان عمل ڪرائينداسين. جيڪو ڪم 18هين ترميم موجب ناهي، اهو بند ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيل ۾ موجود پي ٽي آءِ چيئرمين تي تنقيد ڪرڻ ۾ مزو ناهي، پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان موقعو ملي ويو ته هو حساب وٺندو. منهنجي نظر ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ پي ڊي ايم حڪومت جو اهوئي مسئلو هو. اهي ماڻهن جي مدد بدران پنهنجي ويڙهه ۽ ذاتي مفاد ۾ لڳل رهيا.

بقايا 01 سنڌيار

داخل، عدالت پاران سيپا عملدارن کان جواب طلب ڪندي، ڪين جاچ ۽ ڪاروائي مڪمل ڪري عدالتي حڪمن کي نه مڃيندڙ صنعتن خلاف ڪاروائيءَ جي رپورٽ سميت 11 جنوري 2024ع تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڪر تفصيل موجب ڪراچي جي رهائشي علائقن ۽ ڳوٺن اندر قائم غيرقانوني صنعتن منجهان خارج ٿيندڙ هاجيڪار دونهين , دز زهريلي ڪيميڪل ۽ پاڻيءَ سبب پيدا ٿيندڙ ماحولياتي گدلاڻ ۽ انسانن , حيوانن , وڻن ٽڻن توڙي ٻوٽن مٿان ان جي موتمار ۽ پوائنٽ اثرن سان گڏ جر جي پاڻيءَ , واهڙن , ڍنڍن توڙي سمنڊ جو پاڻي زهريلو ٿي رهڻ سبب آبي جيوت ۽ تمر جي ٻيلن جي وڏي پئماني تي ٿيندڙ تباهيءَ خلاف، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي مرڪزي صدرممتاز بروهيءَ پاران، سنڌ هاءِ ڪورٽ آڏو سنڌ جي ناليري قانون دان امان الله شيخ جي قانوني سهائتا هيٺ داخل ڪرايل هڪ آئيني پٽيشن تي جاري ڪيل حڪمن هيٺ، سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ٽربيونل آڏو ذاتي طور داخل ڪرايل ڪيس جي ٻڌڻي مسٽر جسٽس نثار محمد شيخ جي سربراهيءَ هيٺ مسٽر محمد عارف خان ۽ مسٽر عبدالرئوف ميمڻ صاحب تي ٻڌل ٽربيونل جي ٽي رڪني بئنچ آڏو ٿي گذري، سيپا عملدارن کي قانون جي پوئواري ۾ پنهنجيون ذميواريون ايمانداريءَ سان سرانجام ڏيڻ لاءِ 3 ڇنڊ پٽيندي، عدالت پاران ايندڙ ٻڌڻيءَ جي تاريخ 11 جنوري 2024ع مقرر ڪئي وئي، اين ڊي پي صدر سان گڏ , سنڌ جو ڏاهو ۽ ڪراچيءَ اندر سنڌين لاءِ ڏينهن رات پتوڙيندڙ قانون دان امتياز بروهي ٽربيونل آڏو ٻڌڻيءَ لاءِ پيش ٿيو ياد رهي ته مٿين تاريخ تي ٽربيونل آڏو اين ڊي پي صدر جي وڪيل امتياز بروهيءَ اسسٽنٽ ڏنو هئو ته سنڌ انوائرنمنٽل پروٽيڪشن ايجنسيءَ جا عملدار داخل ڪيل هن ڪيس جي ڏس ۾ پنهنجيون ذميواريون درست نموني ۽ فرض شناسيءَ سان نه ڏئي رهيا آهن جنهن ڪري 2 سيپٽمبر تي هڪ غير قانوني فيڪٽريءَ اندر قاتل بوائلر خميسي ڳوٺ اندر وڏو نقصان ڪيو ماڻهن ان خلاف مظاهرا ڪيا، ميڊيا تي خبرون هلڻيون ان کان سواءِ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرنمنٽل پروٽيڪشن ايجنسيءَ توڙي ٻين لاڳاپيل عملدارن کي درخواستون به ڏنيون ويون، پر سيپا پاران ڪا به ڪاروائي عمل هيٺ نه آندي وئي. ان درخواست جي اڄ ٻڌي ڪيس سان گڏ ٻڌائي هئي، جنهن تي دليل ٻڌڻ بعد ٽربيونل پاران بنا دير سيپا عملدارن کي قانون پٽاندڙ پنهنجيون ذميواريون ادا ڪندي، ان بوائلر ڦاٽڻ واري، قانون جي پڃڪڙي ڪندڙ فيڪٽريءَ ۽ ٻين اهڙين فيڪٽرين جو معائنو ڪري، ڪاروائي خاطر رپورٽ پيش ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا ان سان گڏ اين ڊي پي صدر ممتاز بروهيءَ کي ٽربيونل پاران چيو ويو ته جيڪڏهن سيپا عملدار پنهنجن فرضن ادا ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪوتاهي ڪندي نظر اچن ۽ قانون جي لتاڙ ڪندڙ فيڪٽرين خلاف ڪاروائي نه ڪن ته فيڪٽري مالڪن سان گڏ سيپا عملدارن خلاف به انهن جر گنجوڙي هٿ خلاف هن ٽربيونل آڏو اچي ڪيس داخل ڪرايو. عدالت ڪاروائي ڪندي تئين تاريخ 11 جنوري 2024ع جي ٻڌڻيءَ لاءِ ڏني وئي ۽ ڌرين کي بنا ڪُسگ جي مڪمل قانوني تياريءَ سان ٽربيونل آڏو پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو.

بقايا 02 سنڌيار

جنهن سبب ترقياتي ڪم نٿا ٿي سگهن. اجلاس ۾ ترقياتي ڪمن تي پابندي هٽائڻ لاءِ متفقه ٺهراءَ پاس ڪيو ويو. اجلاس ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر محمد الياس ٺهراءَ پيش ڪيو ته سنڌ حڪومت پاران ضلعي ڪائونسل جون سرڪاري گاڏيون قبضي ۾ ورتيون ويون آهن. جنهن سبب ضلعي ڪائونسل جا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين سرڪاري گاڏين کان محروم آهن. اجلاس ۾ متفقه ٺهراءَ پاس ڪيو ويو ته سنڌ حڪومت ضلعي ڪائونسل جون گاڏيون فوري طور واپس ڪري. اجلاس ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر چوڙري شاهد علي آرائين فلسطين تي اسرائيل جي حملي خلاف ۽ فلسطيني ڀائرن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ٺهراءَ پيش ڪيو. هن چيو ته اسرائيلي فوج هزارين مسلمان نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اتي تيل ۽ ٻيو سامان ضايع ڪيو ويو آهي. انساني جانيون بچائڻ جي فوري ضرورت آهي، ايوان ۾ اسرائيلي ظلمن خلاف ۽ فلسطيني مسلمانن جي حق ۾ ٺهراءَ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو. ضلعي ڪائونسل ميمبر امير علي چانڊيو ضلعي ۾ زرعي پاڻي ۽ فصلن جي ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف ڪارروائي لاءِ ٺهراءَ پيش ڪيو، جيڪو اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو. اجلاس ۾ مجيب الرحمان ٽنيو ضلعي ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي ٺهراءَ پيش ڪيو، جنهن کي ايوان منظور ڪندي ضلعي ۾ چيڪ پوسٽ قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. چيئرمين ضلعي ڪائونسل اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن ميمبرن کي چيو ته 20 لک روپين جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ پروپوزل تيار ڪن ته جيئن پابندي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪم ٿي سگهي.

بقايا 03 سنڌيار

واقعي جي جاچ ڪري فوت ٿي ويل جو چاچو سنڌير ٻرڙو ,نينگر جي فوت ٿيڻ جي هر رخ کان جاچ ڪيئن پيا رحيم آباد پوليس . تفصيل موجب خانپور انپور ويجهو رحيم آباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد سڄل ڀهڙ ۾ مبينا طور تي بندوق جي اتفاقي گولي لڳڻ سبب شڪارپور جو رهواسي 15 ورهين اختر حسين ٻرڙو پٽ سعيد احمد ٻرڙوفوت ٿي ويو . رحيم آباد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نينگر جو لاش تحويل ۾ وٺي خانپور اسپتال آندو. مبينا طور اتفاقي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويل نوجوان اختر حسين ٻرڙو جي چاچي سنڌير ٻرڙو ميڊيا سامهون ڳالهائيندي چيو ته اسان جي خانپور پرسان سڄل ڀهڙ ۾ هوڙ برادري جي ماڻهن سان رشتيداري آهي نوجوان ڪالهه شڪارپور کان ڳوٺ محمد سڄل ڀهڙ پيڻ وٽ گهمڻ آيل هو اسان کي اڄ صبح سوير اطلاع مليو ته اوهان جي نوجوان کي اتفاقي گولي لڳي آهي هو فوت ٿي ويو آهي انهي چيو ته اسان اطلاع بعد خانپور اسپتال پهتاسين اسان جو نينگر خودڪشي چو ڪندو، هن رحيم آباد پوليس کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن. هوڏانهن اي ايس آءِ رحيم آباد ٿاڻو محمد نواز لاشاري ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ سڄل ڀهڙ ۾ اتفاقي بندوق جي گولي لڳڻ سبب نوجوان نينگر فوت ٿيو آهي واقعي جي گهڻ رخي جاچ ڪري رهيا آهيو جاچ بعد هي حقيقتون سامهون اينديون، هوڏانهن خانپور اسپتال مان نينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه گهر پهچڻ بعد سنڌس جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا 04 سنڌيار

عطيو ڏنو ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ جي اڳواڻ انتظار علي مري ڊاڪٽر محمد صفرچنه سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هن انسٽيٽيوٽ ۾ هر سال جيان هن سال به رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون هن ڪئمپ جو مقصد ٿيليسيميا، ڊائلاسز توڙي ٻين بيمارين ۾ مبتلا غريب مريضن جي مدد ڪرڻ آهي. اڳواڻن چيو ته هن ڪارخير ۾ هر ڪو پنهنجو حصو وٺي رهيو آهي چوڻ نوجوانن جو ڏنل رت مريضن جي جياپي جو ذريعو آهي. الله جي راهه ۾ اگر مال ڏيندا ته مال وڌندو اگرخون ڏيندا ته ڪريم رب توهان کي صحتمند زندگيءَ عطا ڪندوياد رهي ته هي بلڊ ڊونيشن ڪئمپ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي هدايتن تي لڳائي وئي جنهن ۾ 50 کان مٿي ڊونرن رت جو عطيو ڏنو

بقايا 05 سنڌيار

جي خدمت جي جذبي سان ٻوڏ کان پوءِ مسلسل مستحق گهرانن کي پيئڻ جو صاف پاڻي، راشن، ٻوڏ ۾ ڊهي ويل گهرن جي تعمير ۽ هن وقت ٻوڏ متاثر مستحق عورتن کي چوپايو مال ڏئي هنن جي تڪليفن کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو انسان دوست ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

بقايا 06 سنڌيار

ڪردار سواليه نشان بڻجي ويو صحافين ۽ سول سوسائٽي ۾ غصي جي لهر, اصل قاتل گرفتار ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو آهي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 100 ڏينهن به جاري رکي شهيد جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت تعريبازي ڪئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، خالد ٻانڀڻ، امداد علي گل ڪلوڙ، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر، جميل مغل ,فاروق سومرو، جهانزيب وسير، نديم سرڪي، يار محمد سومرو، عدنان شيخ. , سکر شهري اتحاد جو اڳواڻ مولانا عبيد الله ڀٽو، فضل الرحمان ڀٽو ۽ ٻيا موجود هئا احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻن چيو ته انتهائي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته سکر پوليس شهيد جان محمد جي اصل قاتلن 100 ڏينهن باوجود گرفتار نه ڪيو آهي سنڌ حڪومت جون خاطريون ۽ ڪراچي ۾ صحافين جي پرامن ريلي ۽ سي ايم هائوس کان ٻهرين ڪنٽينر رکي روڪڻ جي ڪوشش افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو عمل آهي اڳ ۾ سنڌ حڪومت قاتلن جي گرفتاري لاءِ 15 ڏينهن جي مهلت ورتي ۽ پوءِ 3 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذرڻ بعد هاڻي 4هفتن جو ٽائيم ورتو پيو وڃي حڪومت چاهي ته جديد وسيلا استعمال ڪري ڪجهي مان اصل قاتلن کي پڪڙڻ ڪا ڏکي ڳالهه ناهي لڳي پر سنڌس عملن ۽ وقت ضايع ڪرڻ مان لڳي ٿو ته با اثر قوتن سنڌ حڪومت ۽ پوليس کي اصل قاتل گرفتار نه ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو آهي پر اسان واضع ٿا ڪريون ته اسان کي هر صورت ۾ اصل قاتل گرفتار ڪپن جيستائين اسان جي بهادر ساٿي شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿا آندا وڃن اسان جي تحريڪ جاري رهندي ,احتجاج ۾ گلزار شاهه، فضل الرحمان قريشي، شاهه ولي، اصغر علي عباسي، سجاد سنجراڻي، عبدالرزاق سولنگي، سليم ٻريهو,ياسر پيو، عقيل قريشي سول سوسائٽي جي زاهد حسين منگريو جاويد احمد، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو ڀرزور مطالبو ڪيو

بقايا 07 سنڌيار

